# ناٽيہ سمراٽ

(مُوُل مراٺي ناٽڪ نٽ سمراٽ جو سنڌي ترجمو)

ليکڪ: و. وا. شرواڊڪر

سنڌيءَ ۾ انواد: ڪشور لالواڻي، ناگپور



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# نانڪ سمرات

(موڙ مراٺي)

(نٽ سمرات)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سر ورق جي آخرين صفحي تي سنگتراشيءَ جي ان چتر ۾ اِهو درشيہ ڊيڪاريل آهي تہ ٽي جوتشي، ڀڳوان ٻڌ جي ماتا - مهاراڻي مايا جي لڌل سپني جو اَرٿ، راجا سڌوڌن کي سمجھائي رهيا آهن. ڪانئن هيٺنتي وينل آهي ليکڪ، جيڪو اهو اَرٿ لکي رهيو آهي. ڀارت ۾ لکڻ جي ڪلا جو سڀ کان آڳاٽو چتر ليک شايد اِهو ئي آهي.

ذريعو : ناگارجن ڪونڊا، ٻين صدي عيسوي

(نئشنل ميوزم،نئي دهليءَ جي مهربانيءَ سان)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ناٽيہ سمراٽ

(مُول مراٺي ناٽڪ نٽ سمراٽ جو سنڌي ترجمو)

ليکڪ

و. وا. شرواڊڪر

سنڌيءَ ۾ انواد

ڪشور لالواڻي، ناگپور

ساهتيہ اڪادمي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**Natsamrat :** Sindhi translation by Kishore Lalwani of the Award winning Marathi play by V.V. Shirwadkar, Sahitya Akademi, New Delhi (2021), Rs. 150/-

Copyright © Sahitya Akademi 2021

Kishore Lalwani – : Translator

Genre: Play

Published by Sahitya Akademi

First published: 2021

ISBN : 978-93-90866-84-7

Rs 150

All rights reserved. No part of this book may be reproduced or utilized in any form or by any means, electronic or mechanical including photocopying, recording or by any information storage and retrieval system, without permission in writing from Sahitya Akademi.

SAHITYA AKADEMI
**Head Office:** Rabindra Bhavan, 35, Ferozeshah Road, New Delhi 110 001
secretary@sahitya-akademi.gov.in, 011-23386626/27/28
**Sales Office:** 'Swati', Mandir Marg, New Delhi 110 001
sales@sahitya-akademi.gov.in | 011-23745297, 23364204
**Kolkata:** 4, D.L. Khan Road, Kolkata 700 025
rs.rok@sahitya-akademi.gov.in, 033-2419-1683/ 2419-1706
**Chennai:** Guna Building Complex (II floor), 443, (304) Anna Salai Teynampet Chennai 600 018
chennaioffice@sahitya-akademi.gov.in, 044-24311741
**Mumbai:** 172, Mumbai Marathi Grantha Sangrahalaya Marg, Dadar (E), Mumbai 400014
po-romumbai@sahitya-akademi.gov.in, 022-24135744/24147650
**Bengaluru:** Central College Campus, Dr. B.R. Ambedkar Veedhi Bengaluru 560 001
rs.rob@sahitya-akademi.gov.in, 080-22245152, 22130870

Typeset by Shobha Lalchandani | Printed by Impressions, Mumbai

Website: http://www.sahitya-akademi.gov.in

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شڪرگذاري

مراٺي رنگڀوميءَ تي هڪ سمراٽ جي لاءِ ”ڪنگ ليئر“ جو ترجمو ڪرڻ لاءِ مونکي ڪن ساٿين چيو هئو. ان ڳالهه تي ويچار ڪندي منهنجي ذهن ۾ هڪ سمراٽ بدران ”ناٽڪ سمراٽ“ آيو ۽ ان ڪلپنا روپ ساڪار ڪيو. اهو ئي ڪلپنا جو روپ مان پاٺڪن ۽ درشڪن اڳيان رکان ٿو.

ناٽڪ جي لکڻ ۾ ۽ پيش ڪرڻ ۾ ناٽڪڪار وسنت ڪانيٽڪر، گووا هندو اسوسئيشن جي رامڪرشن نائڪ، اوتوُت گڙهي، چترڪار دلال، بيڪوُ پئي، آنگلي ۽ هدايتڪار پُرشوتم داروِيڪر منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي. مان انهن سڀني جو ٿورائتو آهيان. پنهنجي من جي ويچارن کي مورت روُپ ۾ رنگمنچ تي ڏسي ليکڪ کي خوشي ٿيندي آهي. ڊاڪٽر شريرام لاگوءَ اها خوشي مونکي ڏني. هنکي ۽ ناٽڪ کي مورت روُپ ڏيندڙ ٻين سڀني ڪلاڪارن کي مان دل سان ڌنيواد ڏيان ٿو ۽ انهن جا ٿورا مڃان ٿو.

**و. وا. شرواڊڪر**

# انڪ پهريون

(پردو کلڻ تي هڪ وچولي پريوار جي گهر جو نظارو. گهٽ آواز ۾ مٺو سنگيت هلي رهيو آهي. گهر جو بزرگ سٽيج جي وچ ۾ رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. ويٺو آهي يعنيٰ ائين سمجهو تہ ليٽيو پيو آهي. ڪرسيءَ جي ٻنهي پاسي هٿن جي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ٻانهون بہ آهن. بزرگ اکيون ٻوٽي ڪجهہ سوچي رهيو آهي. هن کي ڌوتي ۽ ڪڙتو پاتل آهي. ڪڙتي مٿان صدري بہ پاتل اٿس. ڪن مفلر سان ڍڪيل اٿس. سنگيت جو آواز ڌيري ڌيري وڌي ٿو.

بزرگ جي اک کلي ٿي. هو جهٽڪي سان ڪرسيءَ تي ٿهي ٿو وهي. چئني پاسي نظر ٻوڙائي ٿو. پوءِ ڪوٽ جي کيسي مان عئنڪ ڪيي پنهنجي مفلر سان اُن جا ڪانچ صاف ڪري ٿو. پوءِ عئنڪ پائي ڏيان سان درشڪن ڏانهن نهاري انهن سان ڳالهائي ٿو.)

بزرگ: معاف ڪجو دوستو، معاف ڪجو. توهان کي چڱي دير انتظار ڪرڻو پيو. مان مجبور هوس. الائي ڪيئن جهوٽو اچي ويو. وقت جي پابندي تہ اسانجي رڳ رڳ ۾ ائين سمايل آهي جيئن ناٽڪ. اسانجي ناٽڪ منڊليءَ جا بہ پنهنجا اصول هوندا هئا. ٽيون گهنڊُ نوين وڳي وڄندو معنيٰ پوُري نوين وڳي ئي وڄندو. ايڪويهن سالن تائين ناٽڪ جي هال جو پڙدو پوري ائين وڳي ست منٽن تي ئي مٿي کڄيو. ڪڏهن بہ هن پڙدي اٺ وڳي ايڪهٺ منٽ ڪونہ ڏٺا. (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) منهنجو گهڙيال ڪيڏانهن ويو.

(هيڏي هوڏي ڏسي ٿو پوءِ ڪوٽ جي کيسي مان سنهري رنگ جو هٿ جو گهڙيال ڪيي ٿو.)

گٽپتر او جوشيءَ هيءُ گهڙيال تڏهن منهنجي هٿ ۾ ڏنو هئو جڏهن ناگپور ۾ ''هئمليٽ'' ناٽڪ پيش ڪيو هئوسين. تڏهن کان وٺي هيءُ گهڙيال مان سنڀالي رکيو آهي. دل ۾ اها ڳالهہ گهر ڪري وئي آهي تہ جيسين هيءُ گهڙيال چالو آهي تيسين سڀ ڪجهہ هلندو رهندو.

(گهڙيال ڏانهن نهاري) قبول آهي. پندرهان منٽ دير ٿي.

(گهڙيال ڪيسي ۾ رکي ٿو.)

مونکي وشواس آهي تہ جيئن توهان اڄ تائين مونکي سنڀاليو آهي تيئن ئي اڳتي بہ سنڀالي وٺندا.

دوستو، مان اوهانکي اسانجي نارائڻ راو وانگر مائيباپ يا اَنداتا ڪونہ چوندس. اهڙا اکر نارائڻ راوَ جي واتان ئي سٺا لڳندا آهن. نارائڻ راو معنيٰ مراٺي رنگ منچ جو هڪ ماياناز ڪلاڪار. فُٽ لائيٽ جي روشنيءَ مان نڪتل اِنڊلٽ. سگنڌ سان ڀرپوُر سُر ۽ سُرن سان ڀريل چانڊني. اسان جهڙا ڪلاڪار تہ برساتي ڪکرن وانگر پيا گاجگوڙ ڪندا آهن. اسانجي ايتري نماٽائي اوهانکي وٽندي بہ ڪونہ ۽ معاف ڪجو ايتري نماٽائي تہ منهنجي سڀاو ۾ آهي بہ ڪونہ.

اوهان مونسان پريم ڪيو آهي. اهو پريم اوهان مونکي ڪٽوري ۾ ڀيک سمجهي ڏنو آهي ڇا؟ نہ نِي. مان اِهو پريم پاڻ ڪٽيو آهي. گذريل چاليهن سالن کان وٺي روز رات جو پنهنجيءَ دلو جان سان ڪم ڪيو آهي. ماڻهو چوندا آهن گڻپترا و بيلولڪر کي غرور آهي، اهنڪار آهي. ڀلي پيا چون. چوڻ وارن کي ڪوئي جهلي سگهندو ڀلا.

(ٿورو ترسي) پندرهن سالن جو مس هوندس جو گهر جون چار ڀٽيون اورانگهي ناٽڪ منڊليءَ ۾ وڃي شامل ٿيس. اُن وقت منهنجي سِر تي جنون تاري هئو. گهر جون حالتون ايڏيون سٺيون ڪونہ هيون، تڏهن بہ مان ناٽڪن کي پنهنجو جيون بڻايو. ناٽڪن جي جهنگل ۾ ڀڪندو رهيس. ڀڄندو رهيس. پيرن کي زمين پئي ساڙي تہ مٿي کي آسمان. پر دوُر ڪٿي ڪا اڻڏٺل طاقت مونکي پڪاري رهي هئي. مون پنهنجو پاڻ کي چيو، ”اِهو ئي تنهنجو رستو آهي، هلندو هلُ ... ڪٿي نہ ڪٿي منزل ضرور ملندئي.

الائي ڪڏهن ۽ ڪيئن ناٽڪن جي لوڙي لڳي. ائين لڳڻ لڳو ڄڻ پاڻ کي سمورو جيون رنگمنچ تي ئي گذارڻو آهي. ناٽڪن لاءِ ئي جيئڻو آهي ۽ ناٽڪن لاءِ ئي مرڻو آهي.

اڄ کان پورا چاليهہ سال اڳ شنديشاهي پڳڙي پائي پهريون ڀيرو منچ تي چڙهيس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واهه، پهرئين ناٽڪ ۾ ئي اينٽي سارا هه ملي جو پڇڻو ئي نه. ناٽڪ ختم ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن چيو رنگمنچ جي ستاري جي هيءَ ڪلا سدائين قائم دائم رهي.

تنهن کان پوءِ مان ڏينهن ڏٺو نه رات. ٿڌ ڏٺي نه برسات ناٽڪن جي هن سفر ۾ اڳتي وڌندو ئي رهيس، وڌندو ئي رهيس. خبر ناهي گهڻا ناٽڪ ڪيم ۽ هڪ هڪ ناٽڪ جا الائي گهڻا شوز ٿيا. هاڻي ته انگ اکر به ياد ڪونه آهن. ها، ڪجهه ٿنڌليون يادگيريون اڃان به ور ور ڪري ذهن ۾ اُڀري اينديون آهن. گهڻيئي دفعا گڏيٽرا و جي شاباسي ملي ۽ لوڪمانيه جي آسيس. اوهان جهڙن درشڪن جو پريم ته هميشه ئي ٻٽيو رهيو.

هڪ ڪلاڪار کي پيو پلا ڇا گهرجي؟

ڪلاڪار کي جيڪي گهرجي سو مونکي هميشه ملندو رهيو آهي. هن سنتوش کي جي اهنڪار جي رهنڊ لڳل سمجهو ته مونکي معاف ڪجو ۽ سچ چئجي ته ماڻهوءَ کي پيدايي ۾ ٿورو گهڻو اهنڪار هئڻ به گهرجي. ٿيون ڏينهن جي ئي ڳالهه آهي. مان بس ۾ ڪٿي ويس پئي. ايتري پيڙ، جو چڱي دير تائين ته مونکي وهڻ جي جاءِ به ڪونه ملي. مان ماڻڙي ڪري بيٺو رهيس. پيرن کي به ننڊ پئي اچي. هٿ ۾ سامان سان پريل ٿيلهيون جهلي بس جي پيڙ ۾ ڏيري ڏيري اڳتي وڌندو رهيس. بس به مڙي ئي نه. لڏندي لمندي اڳتي وڌندي رهي. هڪ منٽ به ترسڻ لاءِ تيار ڪونه هئي. چوندا آهن ''ٽائيم انڊ ٽائڊ ويٽ فار نٿنگ'' تيئن ئي بس جو به آهي. اوچتو جهٽڪي سان بريڪ لڳي. بس بيهي رهي. مان جيسين بس مان لهان لهان ڪنڊڪٽر مون ڏانهن ٻڪندو آيو. مونکي لڳو مونکان ڪا غلطي ٿي وئي ڇا؟ پر نه، هوُ ته منهنجي مدد ڪرڻ آيو هئو. مونکان ٿيلهيون وٺي مونکي آرام سان لهڻ ڏنائين. پاڻ به ٿيلهيون کڻي بس مان هيٺ لٿو. مونکي ٿيلهيون ڏيندي چيائين، ''توهان اپا صاحب بيلولڪر آهيو نه؟ مشهور رنگمنچ ڪلاڪار. مان اوهان جا گهڻا ئي ناٽڪ ڏٺا آهن.'' ڏسو، اهڙا به ماڻهو آهن دنيا ۾. ڪلا جو قدر ڪرڻ وارا.

جڏهن ڪو اڻچاتل شخص مونکي سچاڻي ڪلا جو قدر ڪندو آهي تہ لڳندو آهي مان بہ دنيا ۾ ڪجهہ آهيان. تڏهن پيداپي جي اونداهي منچ تي اهنڪار جو ڳهنڊُ وڃندو آهي.

پر دوستو، مان توهانجي قدرشناسيءَ جا شڪرانا مڃان ٿو. هيءَ سنتوش جي جاگير مونکي اوهان مان ئي ملي آهي ۽ وري اڄ تہ توهان مونکي فرش تان اُٿاري عرش تي وهاري ڇڏيو. منهنجي رنگمنچ جي شيوائن جو قدر ڪري مونکي هيءُ ”نائيہ سمراٽ“ جو خطاب عطا ڪيو اٿو. تاڙين جي فهڪن جي وچ ۾ شهر جي معزز مهمانن هٿان منهنجو سواگت ڪرايو. مونکي شال پارائي ۽ شري ڦل هٿ ۾ ڏئي منهنجو مانُ وڌايو ۽ هيءَ، هيءَ سهڻي شيلڊ بہ تہ ڏنوَ جنهن تي لکيل آهي ”نائيہ سمراٽ اپا صاحب بيلولڪر.“ ۽ ڳُلو ڳڏ ڏنوَ چاليهن هزارن جي هيءَ ٿيلهي ... مون وٽ منهنجي ناٽڪن جي ڊائلاگن جو خزانو آهي. هڪ هڪ ڊائلاگ پهاڙ جيڏو اوُچو ۽ سمنڊ جهڙو گهرو. ڪڪرن جيان ڪرڪش تہ گلن وانگر ملايم. پر هن وقت هڪ بہ اکر منهنجي وات مان نہ ٿو نڪري جو ... سچ پچ منهنجي دل ڀرجي آئي آهي.

صحتمند ۽ ڪامياب پيداپو ايئن آهي جيئن رجني گنڌا جا گل، سو مونکي مليو آهي ٻن ٻارن جي روپ ۾. سچو جڳ گهمي وٺ ڪان پوءِ ڪنگ ليئر خبر اٿو ڇا چيو هئو؟

(ڪرسيءَ تان اُٿي هڪلم روبدار آواز ۾ ڳالهائي ٿو.)

هي سرڳ جون شڪتيون. منهنجي من کي سهن ڪرڻ جي طاقت ڏيو. عمر ۽ شڪتيءَ ۾ ڪمزور هيءُ پيڙو شرير توهانجي در تي جهولي ڦهلائي بيٺو آهي. هن کي دان کپي تہ فقط هڪڙو ئي، سهن ڪرڻ جو. جي توهان ئي هن شرير ۾ دگابازيءَ جو زهر ڀريو آهي تہ پوءِ منهنجي مذاق نہ اڏايو. سيني جي اڳيان مونکي لاچار نہ بڻايو. منهنجي اندر جي گرميءَ کي جلائي منهنجي ڪروڌ کي جڳايو. منهنجي مرداني نظر کي منهنجي ڳوڙهن جي بوندن سان ڪمزور نہ بڻايو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ نہ، مان رئندس ڪونہ، ڳوڙها بہ ڪونہ ڳاريندس. مان بدلو وٺندس،
پلي منهنجي ڇاتيءَ جا هزار ٽڪر ڇو نہ ٿي وڃن.
مان رئندس ڪونہ،
ڳوڙها بہ نہ وهائيندس.
نہ وهائيندس.
نہ وهائيندس.
نہ وهائيندس.
(زار زار روئي ٿو. پوءِ واپس ڪرسيءَ تي اچي وهي ٿو. من ئي من ۾ ڪاجهہ سوچي ڪري کِلي ٿو. پوءِ درشڪن سان مخاطب ٿي.)

هڪ دفعي مان اسانجي دوست شيڪسپيئر جي پڄاري واسوديو رام ڪيلڪر کي چيو تہ ”پروفيسر صاحب شيڪسپيئر ناٽڪڪار تہ ڪونہ آهي. بس ڏکن کي پئدا ڪرڻ وارو هڪ شيطان آهي.“ تنهن تي هن کِلي وراڻيو ”سماجهندين من، ڏيري ڏيري سماجهندين. هن کي سماجهڻ ڪا سؤلي ڳالهہ ناهي. نيٺ بہ هوُ شيڪسپيئر آهي.“
سچ چيائين، جڏهن مان سٽيج تي ڪِنگ ليئر جو پارٽ ڪرڻ لڳس تہ هال ۾ اچي متي وارن پيڙن جي شڪلين کي ڏيان سان ڏسندو هوس. هو رئندا ڪونہ هئا. اکين ۾ ڳوڙها تہ جو انن کي ايندا هئا. هي پيڙا تہ انهن ڳوڙهن کي روڪي، مُنهن تي پيانڪ مرڪ آڻي اندر ئي اندر ۾ پيا ڳوڙهن کي پيئندا هئا. انهن جي دلين جو دپ سٽيج تي اچي منهنجي اندر ۾ سمائجي ويندو هئو. اها هوشياري ڪنهن شيطان جي نہ، پيگوان جي بہ نہ، پر هڪ ناٽڪڪار جي هئي جنهن جو نالو هئو شيڪسپيئر. اُن وقت پروفيسر جا چيل لفظ ياد ايندا هئا. پر دوستو، هاڻي هيءُ شرير ڏکن وانگر سکن جو بوجهہ بہ ڪونہ ٿو سهي سگهي. انهيءَ ڪري مون فيصلو ڪيو آهي تہ پنهنجو هر سک ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيان. ها، منهنجي ملڪيت، منهنجو سنمان آهي هيءَ توهانجي ڏنل پئسن جي ٿيلهي. مان هيءَ ٿيلهي پنهنجن ٻارن ... (ونگ ڏي نهاري) نہ نہ وڪيل صاحب شڪ جي ڪا بہ گنجائش ڪونهي. سڀ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاڇهه منهنجي دل گهريو ٿيڻ گهرجي. منهنجي خيال سان هن جي هڪ لائين تہ ڇا هڪ اکر بہ مٽائڻ لائق ڪونہ آهي. (درشڪن ڪي) هي وڪيل معنيٰ شڪ جا باشندا. اسانجو ماستر گبڪري تہ هنن ڪي چوندو ئي شڪاسُر هئو (ڪلي ٿو). منهنجا ٻار تہ گلاب جا گل آهن. مان بہ هنن ڪي گلن وانگر ئي پالي نپائي وڏو ڪيو آهي. پنهنجي واتان پنهنجي سار اهہ ڪيئن ڪيان پر اِهو سچ آهي مان هنن ڪي زندگيءَ ۾ ڪابہ تڪليف ڪونہ ڏني آهي، پاڻ پلي ڪشٽن ۾ ڏينهن گذاريا هاجن.

منهنجي زال، جنهن ڪي مان پيار سان سرڪار چوندو آهيان. جو انيءَ ۾ هئي بہ "حسن جي سرڪار". ڪو ڏسيس تہ ڏسندو ئي رهيس. ڏيري ڏيري حسن گهٽجڻ لڳس، مان بہ هن ڪي حسن جي سرڪار بدران فقط سرڪار چوڻ لڳس. جڏهن بہ برامو ڪرڻ ويندو هوس تہ ڪارو ٽڪو لڳائي نظر لاهيندي هئي.

وري جيسين واپس نہ موٽندس روٽي نہ کائيندي. مونکي ڪارائي پوءِ ئي گرهہ وات ۾ وجهندي هئي. ورت رکڻ ۾ بہ اڳري آهي. اهڙي جيون سنگني ڪنهن ورلي ڪي ئي ملندي آهي. مان ٿيس منهنجي جو متوالو. هن ويچاريءَ ٻارن ڪي پالڻ لاءِ خوب جفاڪشي ڪئي. مونکي تہ خبر بہ ڪونہ پئي تہ ٻار ڪڏهن ننڍي مان وڏا ٿي ويا.

اسان ڪلاڪارن جا ٻار ڪمپنيءَ جي هارمونيءَ وانگر آخر ۾ رستي تي اچي ويندا آهن. سداشوراو جو ڇا ٿيو؟ چار ٻار، چئني دشائن ۾ هليا ويا ۽ پاڻ ٽڪاڻي ۾. منهنجا نندا ۽ نلوُ تہ سون آهن سون (نندا ڪي سڏ ڪندي) نندا پٽ، او نندا پٽ....

نندا : (اندران ئي) اچان ٿو اپا.

اپا صاحب : (درڪشن ڪي) نونهن ۽ نياٽو بہ هنن جهڙا ئي آهن. اصل پراون پنهنجا. هيءُ اکين اڳيان نہ هاجن تہ گهر چڻ کائڻ ايندو آهي.

نندا : (اسٽيج تي اچي) جي اپا!

اپا صاحب : (درشڪن ڪي) هيءُ آهي منهنجو سون جهڙو پٽ نندا. بي.ئي. پاس ڪئي اٿيئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نندا : اپا! بي.ئي. نہ ايم.بي.ئي.

اپا صاحب : پڌايو، مون ڇٽ کي اها بہ خبر ناهي تہ پٽ ڇا پڙهيو آهي. ننڍي هونديءَ ڪمپنيءَ جي ماستر وٽ پڙهڻ لاءِ ايندو هئو تہ نڪ پيو وهندو هوس ۽ هاڻي تہ لاٽ صاحب ٿي ويو آهي. هڪ وڏي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي. ڇا نالو اٿس پٽ؟

نندا : فيلڊ واڪر ڪئنوسڪي تيانچپال ۽ ڪمپني.

اپا صاحب : هزار دفعا ڪمپنيءَ جو نالو پڌايو هوندئين، مجال جو ياد ٿئي. نڪل ڪري پاس ٿيڻ جا ڏينهن هاڻي ويا. وچ ۾ چار مهينا فارين بہ ٿي آيو آهي، لنبن مان.

نندا : لنبن نہ اپا! مليشيا.

اپا صاحب : ها، ها، اهوئي. هندستان کان ٻاهر پير رکيو معنيٰ سڀ ملڪ هڪ جهڙا. فارين وڃي هن ڪمپنيءَ جو کهڙو ڪلياڻ ڪيو سو تہ ڀڳوان ڄاڻي. واپس اچي ترقيءَ مٿان ترقي پيو ٿو ڪري. هيڏو وڏو صاحب ٿي ويو آهي پر ٽڪي جو گروُر ڪونہ اٿس. ننڍپڻ وارو سڳيو ئي نندا، سلڇيڪو، سلجهڙو، نِوڙت سان ڀرپور.

(نندا اپا کي پيري ٿو پوي.)

بس پائي بس، روز روز پيري پئي اسانکي ايڏو وڏو نہ بڻاءِ. اها نوڙت هميشه قائم رکاج. نوڙت وارن کي هن جڳ ۾ اونچي جاءِ ملندي آهي. پنهنجو هاجي يا ڏاريو، سڀني کي مانُ سنمانُ ڏجي.

ناٽڪ ”ڪانچن گڙيا موهني“ جو پهريون شو هاجي. مان گهر جي بزرگ جي رول ۾ گهر ۾ ايندڙ سڀني مهمانن جو پليڪار ڪندڙ. منهنجا نُهر پٽ هنن کي پاڇندا ئي ڪونہ هئا. پهريون ڀيرو مين رول ڪرڻ جو چانس مليو هئو. هتي ماٽڪ سيگرهہ ۾ پريئمر شو هاجي، پڙدو کلڻ کان اڳہ ڏايي گهبراهٽ ٿيڻ لڳي. دل جي ٺڙڪن پيٽي ٿي وئي هئي. الائي ڇا ٿيندو. ماڻهن کي رول وڻندو بہ يا نہ. ايتري ۾ هدايتڪار ڪاڪا صاحب سڀني جي همٿ افزائي ڪرڻ اسٽيج جي پٺيان ميڪ اپ روُم ۾ آيو. مان تہ سڌو وڃي پيرن تي ڪريومانس. هن دل ئي دل ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آسيس ڪئي، مونکي هن جي دل جي ڌڙڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پوءِ ته بس، سڄو ٻپ نڪري ويو. اسٽيج تي وچي اُهي ڊائلاگ چيا جو درشڪن جي ٺهڪن ۽ تاڙين جي ڦهڪن جي ڌوم مچي وئي. دل کولي پيڙي ڪاڪي جي رول ۾ منهنجي آجيان ڪيائون. انهيءَ کان پوءِ ناٽڪن مٿان ناٽڪ. انعام، اقرام ۽ سمان ته منهنجي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا. اهو اٿوَ نمسڪار جو چمتڪار.

(نندا وري اپا کي پيري ٿو پوي.)

بس ابا، ڏينهن ۾ هڪ دفعو پيري پئين نه، ڪافي آهي. اُٺندي وهندي ٿوري ئي پيري پئبو آهي.

ته دوستو هيءُ آهي منهنجو سڪيلڌو پٽ نندا. (شاردا کي سڏ ڪندي) ڪنوار او ڪنوار ...

(هڪ جوان ڇوڪري شاردا اچي ٿي.)

هيءَ آهي نندا جي زال ۽ منهنجي نونهن شاردا.

(شاردا اپا کي پيري پوي ٿي.)

ڇُٽ پُٽ ڇُٽ، (درشڪن کي) ڏاڍي سلڇڻي ۽ سڀاجهي آهي. هن جو نالو شاردا مون ئي رکيو آهي. هن کي اهو نالو ڪونه وڻندو آهي پر ڪري ڇا؟ الادين جي چراغ مان نڪتل راڪاس جهڙي سهري اڳيان ڪڇي به ته نه ٿي سگهي.

شاردا : اپا کهڙيون ڳالهيون ٿا ڪيو. توهانجي پسند ئي منهنجي پسند آهي.

اپا صاحب : ڏٺوَ. ڪيڏي نه سمجهدار ۽ سنسڪاري آهي منهنجي نونهه. (نندا کي) ۽ هوءَ هرٽيءَ وانگر ٽينگ ٽپا ڏيندڙ نينگر ڪٿي آهي. (سڏ ڪندي) نلوُ او نلوُ ... اج منهنجي زندگيءَ جو سيني کان سڀاڳو ڏينهن آهي. منهنجا پنهنجا سڀ منهنجي سامهون هجن. (وري سڏ ڪندي) نلوُ پٽ نلوُ ... ڪاڏي وئي؟

(هڪ جوان ڇوڪري نلوُ اچي ٿي.)

ڇا ٿيو، گهوٽهِن موڪل ڪونه پيو ڏئي ڇا؟

نلوُ : ڇا اپا! مان ته آئيءَ کي رڌڻي ۾ مدد پئي ڪيم.

اپا : (درڪشن ڪي) ۾ هيءَ منهنجي سڪيلڊي ڌيءُ نلوُ. هتي نلوُ ۽ ساهرن ۾ مسيز ڪالندي ڪارليڪر ڪيئر آف شري سڌاڪر ڪارليڪر ڊيپٽي انجنيئر. (نلوُ ڪي) ڪهڙي آفيس ۾ آهي؟

نلوُ : اِريگيشن ڊپارٽمينٽ، ناسڪ ڊويزن.

اپا : ها، ناسڪ جي پاسي ۾ هڪ نديءَ تي بندُ ٺهي رهيو آهي. اسانجو نياڻو اُتي ئي ڊيوٽي ڪندو آهي. (نلوءَ ڪي) سڌاڪر ڪٿي آهي؟

(سڌاڪر اچي ٿو)

سڌاڪر : (اپا ڪي پيري پوندي) مان اِتي ئي آهيان اپا.

اپا : چٽ پٽ، وري فارين وڃڻ جي تياري ٿو ڪرين ڇا؟

سڌاڪر : ها اپا! ويچار تہ آهي. ڏسون ڇا ٿو ٿئي.

اپا : سڀ سٺو ئي ٿيندو پٽ. جتي چاهہ آهي اتي راهہ بہ آهي. سڀ اچي ويا، باقي اسانجي سرڪار ڪٿي آهي.

نلوُ : توهانجي سرڪار رڌڻو سنڀالي رهي آهي اپا.

اپا : (سڏ ڪندي) حُسن جي سرڪار.

ڪاويري : (هٿ ۾ ڪيوي کڻي اچي ٿي) ڇا ٿيو. منهنجو ڪهڙو ڪم آهي جو سڏ پيا ٿا ڪيو؟

اپا : (کلندي) سرڪار ڏاڍي غصي ۾ آهي.

ڪاويري : جلدي چئو. سِپري گئس تي رکي آئي آهيان.

اپا : هيترا سال رڌڻو سنڀاليو اٿئي، هاڻي مونکي سنڀال.

ڪاويري : مهمانن جي روٽي موڪلائي اٿوَ. تياري ڪير ڪندو؟

نندا : آئي چنتا ڇو ٿي ڪرين؟ آسارام روٽي ٺاهي پيو ٿو نہ.

اپا : زالن جي توڪي خبر ڪونہ آهي نندا، جيسين پاڻ ڪم نہ ڪنديون، آرام ڪونہ ايندنُ. آسارام معنيٰ پرامپٽر، پڙدي جي پٺيان ڊائلاگ چوڻ وارو، منچ تي مين رول تہ سرڪار ڪي ئي نڀائڻو آهي نہ. سرڪار، پنج منٽ ترس. هن گهر ۾ اڄ تائين مون جيڪي بہ فيصلا ڪيا، ڪڏهن تنهنجي صلاح ڪونہ ورتي. پر اڄ ڇو تہ زندگيءَ جو هڪ اهم فيصلو ڪرڻو آهي. اڄوڪو ڏينهن هڪ منهن اڻ جهڙو آهي. ڪنسٽرڪشن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پورو ٿيو ان جو پلي ڏک آهي. منهن ٺهي تيار ٿيو ان ڳالھ جي خوشي
بہ تہ آهي نہ.

سرڪار، تو مونکي زندگيءَ جا پنجاھ سال سات ڏنو آهي. هر ڏک
سک ۾ پائيدار رهي آهين. مونکي ملندڙ مانُ سنمان مان ڪڏهن تو اڌ
حصو ڪونہ گھريو.

تپسيا تو ڪئي، ڦل مونکي ملندو رهيو. تون ڪلندي، مسڪرائيندي هر
غم سهندي رهيئن. ٻارن جي پڙهائي، لکائي، ڪاتو - پيتو سڀ جو
خيال رکيئي. ان بدران توکي ڇا مليو؟ مان ناٽڪن جي ڪري مهيني ۾
پندرهان ڏينهن ٻاهر رهندو هوس. منهنجي جنهن وقت جي تون
حقدار هئيئن سو بہ مان توکي نہ ڏئي سگهيس.

ڪاويري: اڄ اوهانکي ڇا ٿي ويو آهي؟ مان تہ بس ماءُ جو فرض نڀايو آهي.
مونکي انهيءَ بدران ڪجھ بہ نہ گھرجي. اُميد کان وڌيڪ مليو آهي.
هيڏو سٺو گھوٽ، سون جهڙا ٻار.

اپا: شاباس، اڄ پھريون ڀيرو منهنجي اڳيان هيڏو وڏو ڊائلاگ چيو اٿئي.
هڪ ناٽڪڪار چوندو هئو، عمر وڌڻ سان مڙدن جو پيٽ ٻاهر ايندو
آهي ۽ زالن جي ڇپ. (ڪلي ٿو. پوءِ ٻارن سان مخاطب ٿئي ٿو) ها تہ
ٻارو، منهنجي جيون جو پيون انڪ هاڻي سماپت ٿيو آهي. هاڻي تياري
آهي ٽئين ۽ آخري انڪ جي. گھنٽي وڄي چڪي آهي، پڙدو کاڄڻ
تي آهي.

نلو: اپا!

اپا: ها پٽ، هو پرميشور سيني کان وڏو ناٽڪڪار آهي. ڪھڙو رول ڪٿي
۽ ڪڏهن ختم ڪرڻو آهي، سو تہ هوُ ئي ڄاڻي. اسان تہ بس رنگمنچ
جا ڪلاڪار آهيون. فقط پنهنجو رول نڀائي ڄاڻون (اُپ ڏي نهاري)
جيئن هلائين تيئن واھ واھ. اڄ مون هن پرميشور جي ليلان هزارين
لکين درشڪن جي سڪ ۽ پيار ۾ ڏٺي. منهنجي زندگي تہ سڦل ٿي
وئي.

مان پنهنجي ناٽڪن مان بس اهو ئي سکيو آهيان تہ ڏک پاڻ وٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رڪاجي ۽ سک ورهائي ڇڏجي. چوندا آهن نه وندِ ورهاءِ سک پاءِ. چنڊ پنهنجو ڪارو داغ پاڻ وٽ رکندو آهي ۽ چانڊاڻ سان سڄي جڳ کي روشن ڪندو آهي. مون وٽ ورهائڻ لاءِ چانڊاڻ ڪونه هئي، پر اڄ ملي آهي (پئسن جي ٿيلهي ڏيکاري) هن ملڪيت جي بار کان مُڪت ٿو ٿيڻ چاهيان. ٻه هزار مون هڪ سنستا کي دان ڏنو آهي، باقي سڀ توهان ٻنهي جو.

نندا ۽ نلوُ : ابا...

ڪاويري: بس ايتري ڳالهه لاءِ ٻئي مونکي سڏ ڪيوُ؟ وڃان ٿي نه ته چانورن کي ترو لڳي ويندو.

ابا : ٿوري دير ترسُ سرڪار. تنهنجي رضامندي کپي.

ڪاويري: توهانجو هر فيصلو مونکي منظور آهي. وٽيءَ ۾ ڇا ۽ ٿالهيءَ ۾ ڇا؟ ڳالهه مڙيوئي ساڳي آهي.

نلوُ : ڪهڙي ٽڪڙ آهي ابا. هيءُ سڀ اڄ ئي ڪرڻ ضروري آهي. اسانکي فقط توهانجو ساٿ گهرجي، پيو ڪاجهه نه.

نندا : توهان بس اسانجي مٿي تي هٿ رکو. آشيرواد ڏيو.

ابا : ابا صاحب بيلولڪر جو فيصلو معنيٰ پٿر جي لڪير. مان پنهنجي سرڪار کان صلاح پڇي هئي، توهانکان نه. سرڪار سچ ئي چيو وٽيءَ ۾ ڇا ۽ ٿالهيءَ ۾ ڇا. هن عمر ۾ ايڏو بار اسان اڪيلا ڪيئن سنڀاليندا اسين؟ ۽ وري اسانجي لاءِ ته وڏي ملڪيت توهان ٻئي آهيو نه. ٻيءَ ملڪيت جي اسانکي ڪهڙي ضرورت پيلا، ڪيئن سرڪار. اسانجو هڪ ناٽڪڪار چوندو هئو هيءَ دنيا سورج جي چئني پاسي نه پر ناٽي جي چئني پاسي گهمندي آهي، شُکر آهي، مونکي ناٽي جو ڪڏهن موهه ڪونه رهيو. منهنجي دنيا ئي الڳ هئي نه. ناٽڪن جي دنيا، جنهن تي چنڊ ۽ سورج نه سپاٽ لائيٽ، پار لائيٽ ۽ فلڊ لائيٽ پنهنجي روشني ڦهلائيندا آهن.

واهه، ڪيڏي نه سونهري دنيا آهي ناٽڪن جي. هڪ پل ۾ راڄ محل ته ٻئي پل ۾ گهاٽو ۽ اونداهو جهنگ. سين چينج ٿيندي ئي ماٿهو

فرش تان عرش تي ۽ عرش تان فرش تي پهچي وڃي. اهڙو هوندو هئو ناٽڪن جو جادو. تن ڏينهن ۾ مان جوان هوس. دل ۾ ناٽڪن جو جنون هوندو هئو. ڏينهن رات ناٽڪن جي ڳالهه. هڪ شهر کان ٻئي شهر. نه ڏينهن ڏسندا هئاسين نه رات، نه ٿڌ نه برسات. وقت سِر پهچڻ، اُتان جي بانيڪارن سان ناٽڪ جي تياريءَ جو حال احوال وٺڻ، لائٽنگ، ميڪ اپ ۽ ميوزڪ جو بندوبست ڏسڻ.

هاڻي اهو سڀ نه ٿو پڄي. نه رات جا اوجاڳا نه ئي بسين ۽ گاڏين جو سفر. پرميشور راج محل جو پڙدو هٽائي اونداهي جهنگل جي سين ٺاهي چڏي آهي.

سکُ. سياڻي اسانجو وڪيل ڪاڳر کڻي ايندو پوءِ هيءَ ملڪيت به توهانجي، اسان ٻئي به توهانجا. اسان ڪجهه ڏينهن نندا جي فليٽ ۾ رهنداسين ته ڪجهه ڏينهن ناسڪ وڃي نلوءَ وٽ.

نلوُ: توهان ٻئي هميشه لاءِ ناسڪ هلي رهو اسان وٽ.

نندا: نه نه ايئن ڪيئن ٿيندو، آئي ۽ اپا هميشه لاءِ اسان وٽ ئي رهندا. هتي اپا جي ڪلاڪار منڊليءَ جا دوست به آهن. وقت سٺو گذري وينڊن. نلسڪ ۾ ته بور ٿي پوندا.

اپا: شاباس اٿو پارو. شاباس اٿو. هاڻي اسانجي به هڪ گهر آهي.

نندا ۽ نلوُ: ڪهڙي؟

اپا: سال اندر اسانکي ڏاڏو - ڏاڏي ۽ نانو - ناني ٿهڻو آهي. ڪيئن سرڪار.

ڪاويري: هاڻي مان رڌڻي ۾ وڃان ڇا؟

اپا: ترسُ، مونکي توسان اڪيلي ۾ ڪجهه ڳالهائڻو آهي.

نندا: (سيني کي) هلو يائي، هنن ٻنهي کي ٻڍاپي ۾ عشق جي لوڙي لڳي آهي.

ڪاويري: توهان نه. ڪجهه به ڳالهائيندا آهيو. ٻڍاپي ۾ اچي مِت مارجي وئي اٿوَ. پار به توهانتي کِلن ٿا.

اپا: کلن ته پلي کلن، پريم ڪرڻ جو ٺيڪو جو انن کنيون آهي ڇا؟

ڪاويري : ضروري آهي هر ڳالهہ چئي ڇڏائجي.

اپا : مان تہ توکي ڳالهائڻ جو چانس پيو ڏيان. سرڪار، مون جيڪو ڪيو اُهو صحيح تہ آهي نہ؟

ڪاويري : سنو ڪيوُ. پر مون پئي چيو ايتري تڪڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هرويرو اچ ئي! انسان پلي برو نہ هجي، پڙاپو ڏاڍو خراب هوندو آهي.

اپا : توکي ڇا ٿو لڳي اسانجا ٻار اسانکي رستي تي ڇڏي ايندا. سنسڪاري ٻار آهن اسانجا. اهڙي ڪا نوَبت آئي بہ تہ انهي کي بہ مُنهن ڏيند اسين. پنبرپور جو بابا زويري منهنجو دوست آهي. انهي کي چوندس وڏڙن جي ڇڏيل ٻارن جي آشرم و انگر ٻارن جي ڇڏيل وڏڙن لاءِ بہ هڪ آشرم کولي.

ڪاويري : اُتي وڃن اسانجا دشمن. هاڻي مان وڃا رڌڻي ۾. توهان وِهو. مان توهانجي بوتل کڻي ٿي اچان.

اپا : نہ نہ، اڄ بوتل نہ کلندي. ها باقي چانهن جي طلب لڳي آهي. سا بہ تنهنجي هٿ جي. هڪ ڪوپ ٺاهي اچُ. فرسٽ ڪلاس.

(ڪاويري وڃي ٿي. منچ تي ڏيري ڏيري اونده ٿئي ٿي. پٺيان جو بلوُ ڪرٽين هٽِي ٿو وڃي. هاڻي سين ننڍا جي فليٽ جي. اپا خواب مان نڪري حقيقت ۾ اچي ٿو. وقت ٻرهن سال پوءِ جو.)

اپا : اڙي منهنجي چانهن، اڄ چانهن ٻانهن ملندي ڪِن بس. سرڪار، شاردا، آسارام. گهر ۾ ڪوئي آهي ڪِن نہ؟

آسارام : (چانهن کڻي اچي ٽيبل تي رکي ٿو.) هان وٺو چانهن. ڪنوار چيو آهي زور زور سان رڙيون نہ ڪندا ڪيو.

اپا : نہ ڪندس، پر سرڪار.

آسارام : (ڪمرو صاف ڪندي) آئي، بازار وئي آهي. (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) ٻيي کي هر وقت زال پاسي ۾ کپيس.

اپا : ڇا چيئہ؟

آسارام : ڪجهہ نہ. فٽافٽ چانهن پيئو ۽ ڪوپ خالي ڪري ڏيو. صاحب

چاڻ آفيس مان آيا. انهن جي لاءِ به چانهن ۽ ناشتي جو بندوبست ڪرڻو آهي.

اپا : نندا جي اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي؟ ڪيڏن ڏينهن کان نندا مونسان ڳڌيو ئي ڪونه آهي. طبيعت ته ٺيڪ اٿس نه؟

آسرام : صاحب جي طبيعت کي ڇا ٿيو آهي؟ چاڪ چڳا ڀلا ڀڳا پيا آهن. خالي ڪوپ جلدي ڏيو ته وڃين ڪم تي لڳان.

اپا : چانهن ته پيئڻ ڏي ابا. هي وٺ (ڪوپ ڏئيس ٿو) ٺمي آئي ڇا؟

آسرام : اڃان هاڻي ئي آئي آهي.

اپا : هُن کي چئجانس ...

آسرام : مونکي سڀ ياد آهي ته ڪنهنکي ڇا ڇا چوڻو آهي.

(آسرام اندر وڃي ٿو.)

اپا : اکين جي نظر ڀلي ڪمزور ٿي وئي هجي پر اڃا پوڙو ڪونه ٿيو آهيان. مونکي سڀ خبر آهي ته ڪير ڇا ٿو چوي.

(نندا جي ڌيءُ سُهاس ''اپا اپا'' ڪندي اندر اچي ٿي.)

سُهاس : (در وٽ بيهي) اپا ...

اپا : اڙي منهنجي ٻتيا راڻي اچي وئي، اچُ اچُ.

سُهاس : (در وٽان ئي) مان نه ايندس. ڪڏهن به نه ايندس.

اپا : ڇري جهڙي ڇاڳل. تون ڇا ڀاڻ کي ''مان اپمان'' ناٽڪ جي ڀامني ٿي سمجهين ڇا جيڪا هر وقت پنهنجي ڏاڏي کي تنگ ڪندي رهندي آهي. ڇا تي رُٺي آهي منهنجي سونڙي.

سُهاس : ائين ئي.

اپا : ائين ئي ڇو ڀلا؟

سُهاس : بس ائين ئي.

اپا : اِها به ڪا ڳالهه ٿي. (ڪن پڪڙي) ساري.

سُهاس : (اپا جي هنج ۾ اچي وهي ٿي) ڪيئن مزو آيو نه.

اپا : تون مونکي تنگ پئي ڪرين نه؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُهاس : اپا اڄ اسڪول ۾ ٻه ڏاڍو مزو آيو.

اپا : ڇو. تنهنجي ماستريائي پاڇي وئي ڇا؟

سُهاس : هوءَ منهنجي ديدي آهي.

اپا : ڇگو ڀلا ديدي. پوءِ ڇا ٿيو سونڙي؟

سُهاس : منهنجو نالو سونڙي ڪونه آهي.

اپا : ته ڇا ڀولڙي آهي؟

سُهاس : اِهو ٻه نه (اپا جو هٿ پڪڙي من جي ٻانهن تي لکي ٿي) هي ڏسو لکي ٿي ڏيکاريانوَ.

اپا : اوهو سُهاس. برابر.

سُهاس : مونکي اسڪول ۾ سڀ سُهاس ئي چوندا آهن.

اپا : او.ڪي. بابا. مان به توکي سُهاس ئي چوندس.

سُهاس : توهان مونکي سُهاس ئي چئو پر ٻئي ڪنهنکي نه ٻڌائجو.

اپا : نه ٻڌائيندس. اسڪول ۾ ڪهڙو مزو آيو ڀلا؟

سُهاس : ٻڌايانوَ ٿي. پر پهريون پنهنجي ناٽڪ جو ڊائلاگ ٻڌايو. اُهو به وڏي آواز ۾.

اپا : ڊائلاگ. هاڻي.

سُهاس : ها.

اپا : اُهو ته ناٽڪ جي اسٽيج تي چوندو آهيان. هتي ائين ياد نه ايندو.

سُهاس : ايندو.

اپا : هتي رڳو گاريون گند ياد ايندا آهن. مونکي پيو ڪاڄهه به ڪونه ايندو آهي.

سُهاس : جيڪو ايندو آهي اُهو ٻڌايو.

اپا : توکي غصو ته ڪونه ايندو نه.

سُهاس : ڪونه ايندو. چئو.

اپا : منهنجي به هڪ شرط آهي.

سُهاس : ڪهڙي؟

اپا : پهريون تون ٻڌاءِ ته اسڪول ۾ ڪهڙو مزو آيو؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُهاس : نه پهريون توهان پڙهايو.

اپا : نه پهريون تون پڙهاءِ، پوءِ مان. قسم ٿو کڻان.

سُهاس : پڙهايانءِ، اڄ اسڪول ۾ نه هڪ گيسٽ آيو هئو.

اپا : گيسٽ؟

سُهاس : ها، اِلاهي وڏو ماڻهو هئو. ديديءَ مونکي چيو پويم پڙهاءِ.

اپا : پويم؟

سُهاس : وچ ۾ نه ڳالهايو اپا!

اپا : ساري!

سُهاس : مان هن کي پويم پڙهائي ته هن مونکان منهنجو نالو پڇيو. مان چيو مانس.

اپا : سُهاس.

سُهاس : اڙي يار. مان چيومانس، سهاس ننڊڪشور بيلولڪر. هُن پڇيو "ڪهڙو بيلولڪر؟" مان چيومانس منهنجو اپا جيڪو ناٽڪن ۾ ڪم ڪندو آهي. پوءِ اپا خبر اٿوَ هوُ اُٿي بيهي رهيو. چيائين، "اپا صاحب تنهنجو ڏاڏو آهي." مان چيومانس "ها" پوءِ چيائين "تون ياڳن واري آهين. پنهنجي اپا کي منهنجي نمستي چئجانءِ."

اپا : پر اهُو هئو ڪير؟

سُهاس : چيم جو وڏو ماڻهو هئو. چيائين، "مان تنهنجي اپا جا اِلاهي ناٽڪ ڏٺا آهن." هن جي وڃڻ کان پوءِ ديديءَ ۽ سيني ٻارن شاباشي ڏني.

اپا : شاباش.

سُهاس : ڪيئن آيو نه مزو!

اپا : ها، پر تنهنجي ماسترياڻي پاڇي وڃي هان ته اڃا به وڌيڪ مزو اچي هان.

سُهاس : اڙي يار! وري اهُائي ڳالهه. هلو، هاڻي وڏي آواز ۾ ڊائلاگ پڙهايو.

اپا : مونکي نه ايندو آهي.

سُهاس : توهان مونسان واعدو ڪيو هئو. قسم کنيو هئو.

اپا : درياهه ۾ ٽڪري، قسم ويو نڪري.

سُهاس : مان اڄ ڪان پوءِ توهان سان ملڻ ڪونہ ايندس. ايندس تہ توهان سان ڪونہ ڳالهائيندس.

اپا : ائين نہ ڪج من. تنهنجي ڪري ئي تہ هن گهر ۾ رونق آهي. نہ تہ هيءُ پيو ڪنهوڪو ...

سُهاس : ائين نہ چئبو آهي. هلو جلدي ٻڌايو.

اپا : چڱو. هڪ سنديش ٿو ٻڌايان.

سُهاس : ٻڌايو.

اپا : سُر چوي ٿو ساٿ ڏي.
ڏيئو چوي ٿو وٽ ڏي
جهور پيي پيءُ کي تون بس
پنهنجو هٿ ڏي،
تون پنهنجو هٿ ڏي،
تون بس پنهنجو هٿ ڏي.
صباح چوي ٿو چانڊ ڏي،
زمين چوي ٿي پاڻي ڏي،
ڪانوَ چوي ٿو پنک ڏي،
جهرڪي چوي ٿي پڻ ڏي،
مان چوان ٿو ڳڙيا راڻي،
تون مونکي پيي ڏي.

(خوشيءَ جي ميوزڪ وڄي ٿي.)

سُهاس : منهنجي پيي ڪيپو چا؟

اپا : ها.

سُهاس : پوءِ ٻڌايو.

اپا : ٻڌايم جو.

سُهاس : نہ ڊائلاگ ٻڌايو.

اپا : پهرين پيي.

سُهاس : نہ پهريون ڊائلاگ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هتي شانتي ملندي؟ اصل نه. ٿورو آرام ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ وڃُ مس ته توهانجون رڙيون چالو. منهنجا ڪپڙا ڪٿي آهن؟ چانهن ڪونه ڪڙهي ڇا؟ هڪ منٽ به صبر ڪونه اٿوَ. ننڍا آفيس مان اچي ته هونءَ ئي چانهن ٺهي هان، پر نه، توهانکي ته الڳ سان چانهن کپي. ٿورو صبر ڪيو هان ته ڪهڙو آسمان ڪري پوي هان. ڪجهه سوچڻو ناهي، بس آربر هلائڻو آهي.

اسان ڪمرڻي پاش ڪالونيءَ ۾ رهيا پيا آهيون، ڪڏهن ڪنهن پاڙي واري جو تيز آواز ٻڌو اٿوَ؟ سڄي پاڙي ۾ رڳو توهانجي ناٽڪن جا ڊائلاگ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

سُهاس : اپا تي غصو ڇو ٿي ڪرين؟ مون تي ڪر نه.

شاردا : چپ ڪر اپا جي چمچي. هل اندر هلي ڪپڙا مٽ ۽ هوم ورڪ شروع ڪر.

سُهاس : نه مان اپا سان وهندس.

شاردا : مونسان ته ڪڏهن ڪونه وهندي آهين. اپا، اپا ڪري مُنجهي ٿي پئين. (اپا کي) توهانجي لاڏ پيار هن کي مونکان به پري ڪري ڇڏيو آهي.

اپا : هي تون ڇا ٿي چوين ڪنوار. منهنجي لاڏ هن کي توکان پري ڪيو آهي؟

شاردا : ها مان سڀ سمجهان ٿي. (سُهاس جو هٿ پڪڙي) هل هتان، خبردار جي وري هن ڪمري ۾ آئي آهين ته.

(شاردا سُهاس کي پاڻ سان وٺي ٿي وڃي. سهاس ''اپا اپا'' ڪندي وڃي ٿي. ڪنهن ڪمري کي بند ڪرڻ جو آواز ٿو اچي ۽ پوءِ سُهاس جون رڙيون ٻڌڻ جو آواز اچي ٿو ''اپا مونکي بچايو'' ''اپا مونکي بچايو، مونکي روم مان ٻاهر ڪيو.'' ڏيري ڏيري لائيٽ گهٽ ٿي ٿئي.)

اپا : (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) سٺو ٿيو جو ڪمري جو در بند ٿي ويو. نارائڻ جي پيٽ ۾ سمير سنگهه جي تلوار گهسندي ڏسي منهنجي اکين اڳيان منهنجا بزرگ ور ور ڪري گهمڻ لڳا آهن. هوُ در بند ٿي ويو.

اکين اڳيان هوءَ مار ڏيڻ وارا غائب ٿي ويا آهن مونکي اجا تائين چئني پاسي ”اپا اپا“ آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. سرڳ جا فرشتا مونکي سڏ ڪري رهيا آهن. مان ڪهڙي دنيا ۾ آهيان. زمين تي يا آسمان ۾ جي مان مري ويو آهيان ته مونکي سُڏاس جو آواز ڪيئن ٿو ٻڌڻ ۾ اچي. ڪوئي آهي؟ سچي شهر ۾ اعلان ڪيو ته ناٽڪ سمراٽ اپا صاحب بيلولڪر هن دنيا مان چالاڻو ڪري ايشور جي چرڻن ۾ وڃي واسو ڪيو آهي. سڀ پاڙيوارا ۽ مٽ مائٽ گهرايو. گهر ۾ اينٽو گوڙ ٿئي جو مونکي ”اپا اپا“ جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي نه اچي. (آواز گهٽ ٿو ڪري) هاڻي مان نه ٿو هلي سگهان. مان هتي تائين ڪيئن ....؟ (وري آواز وڌائي) سمير سنگهه، آخر تو پنهنجو ضد پورو ڪيو.

(ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي اکيون مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاري ٿو. پوءِ اکيون بند ڪري ٿو.)

ها سمير سنگهه تو کٽيو. مان هارايو.

(سنگيت وڄي ٿو. وري ڏيري ڏيري گهٽجندو وڃي ٿو. لائيٽ فيڊ آئوٽ ٿئي ٿي. ڪجهه دير کان پوءِ وري چالو ٿئي ٿي. اپا جون اکيون بند ئي آهن. سامهون نندا ۽ شاردا بيٺا آهن ۽ اپا جي ڪرسيءَ جي پٺيان ڪاويري.)

نندا : اپا، مان جيڪي چوان ٿو سو ٻڌندؤ.

اپا : (اکيون کوليندي) ها، مان ٻڌي رهيو آهيان.

شاردا : پنڄ منٽ اڳ سُڏاس کي گاريون پيا ڏين. هاڻي ڏسو ڪيئن اکيون ٻوٽي ڏيان لڳائي ويٺا آهن. گهر ۾ به ناٽڪ ٿا ڪن.

نندا : شاردا؟

اپا : ها مان ٻڌان ٿو. چئه ڪنوار، توکي ڇا چوڻو آهي؟ جيڪي چوڻو اٿئي، سڀ چئي ڏي.

نندا : اپا، اسانکي اِهو ئي چوڻو آهي ته اسان جي سهنشڪتيءَ کي به مريادا هوندي آهي ڪن نه؟

اپا : ها هوندي آهي.

نندا : هيءُ سڀ چوڻ مهل منهنجي من ۾ ڪهڙو درد اُڀري رهيو آهي، ان جي توهان ڪلپنا به نه ٿا ڪري سگهو.

اپا : مان سڀ ڄاڻان ٿو.

نندا : ٻارهان سال اڳ اسان هن فليٽ ۾ آياسين. هنن ٻارهن سالن ۾ هڪ ٻه اهڙو ڏينهن ڪونه هوندو جڏهن اسان توهانکي سنڀالڻ جي ڪوشش نه ڪئي هوندي. اپا هيءَ سافسٽيڪيٽڊ ڪالوني آهي پر توهان ... سمجهه ۾ نه ٿو اچي اسان ڪٿي غلطي ڪئي آهي. توهان پنهنجي مرضيءَ سان ٿا هلو. عمر جو خيال نه رکي ننڍن ٻارن وانگر حرڪتون ٿا ڪيو. اِهو به نه ٿا سوچيو ته گهر ۾ ڪي ٻيا به ٻاتي آهن. پاڙيوارا به توهانجي حرڪتن تي کلندا آهن. تڏهن به اسان توهانجا ڍڪ ڍڪڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون. پر هاڻي لڳي ٿو ... گول ٽونگ ۾ چورس ڪِلي کڏهن نه ماپي سگهندي.

اپا : سرڪار، مونکي پاڻي گلاس ته آڻي ڏي.

نندا : مان ٿو ڪٿي اچان.

اپا : نه، سرڪار کي ئي وچڻ ڏي.

(ڪاويري پاڻي آڻي اپا کي ڏئي ٿي.)

شاردا : هڪ پيو ناٽڪ. ماڻهن کي ڏيکارڻو آهي ته اسان ٻار ماءُ پيءُ لاءِ ڪاجهه نه ڪندا آهيون.

اپا : ڳالهه هاڻي ماڻهن جي ناهي ڪنوار. مسئلو پنهنجن جو آهي. (پاڻيءَ جي گلاس کي ڏسندي) هرڪو گلاس خالي ٿيڻ کان اڳ پاڻ ٿو پاڻي پي وٺڻ چاهي. اهي ڳالهيون توکي نه سمجهنديون نندا (گلاس ڪاويريءَ کي ڏئي ٿو.)

نندا : اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي اپا. مان پنهنجي جوابداريءَ کان منهن نه ٿو موڙيان ۽ نه ئي موڙيندس.

اپا : ڪلوروفارم گهٽو ٿيو، هاڻي سڌو آپريشن تي اچ. تون چوڻ ڇا ٿو چاهين؟

شاردا : رڳو ناٽڪن جا ڊائلاگ؟

نندا : اپا مونکي ڪاجهه به نه چوڻو آهي. مونکي ته اِها به خبر ناهي ته آخر ٿيو ڇا آهي؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپا : واهہ، توکي ڪاجھہ بہ خبر ناهي، مسٽر نندلال ٻيلولڪر، ايم.ڪام. ٽيڃپال ڪمپنيءَ جو مئنيجر. تون اڄ پينگھو ڇڏي ٻانهن ڦا پائيندو ٻاهر ڪيئن اچي وئين.

نندا : اپا، منهنجي زال اوهانجي بي عزتي ڪئي هجي تہ ...

اپا : تہ تون ڪاجھہ بہ نہ ڪري سگھندين. ڪري بہ ڪيئن ٿو سگھين. تو جهڙو مڙس معنيٰ زالن جي ڪمر ۾ ڪوپيل روُمال، سو بہ لئوينبر جي خوشبوءِ وارو. تون رڳو زال جاڳتا اُکھي سگھندو آهين، لئوينبر جو روُمال. (ڪاويريءَ ڪي) سرڪار هيءُ اهڙو جهڙو روُمال ڪونہ آهي. مِسر ديش جي هڪ تانترڪ جو منتر پڙهي تيار ڪيل روُمال آهي. منهنجي امڙ مرڻ وقت مونکي اهو روُمال ڏنو ۽ چيو ...

(اپا ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪنگھي ٿو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي ليٽي ٿو. ڪاويري هن ڪي سنڀالڻ لاءِ پٺيان اچي بھي ٿي.)

ڪاويري : نندا؟

نندا : آئي؛ تون بہ هن جو ئي بدر ڪٽندي آهين. ٿي سگھي ٿو منهنجي زال اُهو چيو هجي جيڪو هن کي نہ چوڻ گھرجي هان. توهان کي بہ تہ اهو سوچڻ گھرجي تہ انسان جي سهن شڪتي ڪڏهن بہ ختم ٿي سگھي ٿي. غلطي اوهانجي نہ هوندي، اوهانجي عمر جي هوندي. پر گھر ۾ ڳالهائڻ وقت پنهنجي مريادا تہ ڏسو هان. اڄ وقت آيو آهي تہ مان صاف صاف ڳالهايان. اوهانجي مريادا ...

اپا : منهنجي مريادا؟

نندا : ها، اوهانجي مريادا، اوهانجو اتڪار ڪيترو بہ وڏيڪ هجي پر اوهانکي اِهو سوچڻ گھرجي تہ اسان جتي رهون ٿا اُهو گھر سپيہ ۽ سُنسڪرت پاڙي ۾ آهي.

اپا : مان اهڙو ڇا ڪري ڇڏيو جنهن سان تنهنجي سپيتا ۽ سنسڪرتيءَ تي ڪلنڪ لڳي ويو.

شاردا : مان ٿي ٻڌايانو اپا ڇا ڪيو آهي.

نندا : شروُ، تون ٿوري دير بس ڪر.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جوڙي وينتي ٿو ڪيان تہ مهرباني ڪري هن گهر ۾ گوڙ نہ ڪيو. شروع توهان سان گهٽ وڌ ڳالهايو هجي تہ مان ٿو اوهان کان معافي گهران، بس هاڻي تہ خوش آهيو؟ اجائي ڪِٽ ڪِٽ ڪنهنکي ٿي وڻي. آفيس جا جهنجهٽ گهٽ آهن جو گهر ۾ ... گهر ۾ گهڙُ مس تہ توهانجن شڪايتن جا پٽارا ٿا کلي وڃن.

اڄ تائين جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو. هڪ ڳالھ ڪن کولي ٻڌي وٺو. شاردا هن گهر جي مالڪياڻي آهي. هن کي پنهنجي حساب سان گهر هلائڻ ڏيو. اڄ کان پوءِ شاردا توهان ٻنهي جي شڪايت ڪئي تہ پوءِ ڏسي وٺجو. مان سمجهان ٿو، توهانجي دنيا الڳ آهي ۽ اسانجي الڳ. ها، اسان جو ان آهيون، توهانجو ٻڍاپو اچي ويو آهي.توهانجا گپ ۾ ڀريل پير اسانجي مڪملي غاليچي تي نہ رکو پليز. توهان پاڻ ٿورو بہ ايڊجسٽمينٽ نہ ٿا ڪيو. مان سوَ دفعا توهانجي پيرن تي هٿ رکندس. منهنجي ۽ شاردا جي سڪي سنسار جي ٻيڪ ٿو گهرانوَ. مهرباني ڪري اسانکي خوش رهڻ ڏيو. (آسارام کي سڏ ٿو ڪري) آسارام او آسارام ...

آسارام : (اندران ايندي) آيُس سائين.

نندا : ڊرائيور کي چئہ گاڏي صاف ڪري ٻاهر ڪيي. اسانکي ٽيڇپال صاحب جي گهر وڃڻو آهي. (شاردا کي) تون فٽافٽ تيار ٿي وٺ اسانکي ڏهن منٽن ۾ نڪرڻو آهي. (وڃي ٿو.)

شاردا : بس، مان جهٽپٽ تيار ٿي وٺان ٿي. (آسارام کي) آسارام سُهاس کي هن ڪمري ۾ بلڪل نہ اچڻ ڏجائن. رڙيون ڪري تہ ڪمري کي ٻاهران ڪڙو لڳائي ڇڏجائن. (وڃي ٿي.)

آسارام : جي مالڪڻ.

(آسارام زمين تي ڪريل گلاس کڻي ٿو ۽ ڪچرو صاف ڪري ٿو. ڪاويري ڊيري ڊيري پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي. جنرل لائيٽ بند ٿئي ٿي، هاڻي رڳو اسپاٽ لائيٽ اپا جي مٿان نظر اچي ٿي. اپا کي ور ور ڪري نندا جا چيل لفظ ياد ٿا اچن "اسان جوان آهيون، اسان جوان آهيون، اسان جوان آهيون".)

اپا : (ٻنهي ڪنن تي هٿ رکي) ها بابا ها، توهان جوان آهيو. توهانکي سکي سنسار ڪيي. انهي ڪري هڪ ٻئي جي هنج ۾ وڃي سمهو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان ٻه ته جوان هئاسين. ڪير جوان ڪونه رهيو آهي. رستي تي گهمندڙ جانور، آسمان ۾ اُڏندڙ پکي، سڀ جواني ماڻيندا آهن ۽ ٻار ڄڻيندا آهن، هن سنسار کي وڌائيندا آهن ۽ هڪڙي ڏينهن ... هڪڙي ڏينهن سڀ مري ويندا آهن. ڇڏي ويندا آهن پنهنجي ٻارن کي هن دنيا ۾، تڙڦڻ لاءِ، مرڻ لاءِ.

(هٿ مٿي کڻي)

هوُ پرميشور وڏو ناٽڪڪار آهي. هن ترتيءَ تي پنهنجو رول ڪرڻ لاءِ اسانکي موڪليو آهي. ڪنهنکي وڏو رول ڏنو اٿائين، ته ڪنهنکي ننڍو. اسان ته بس ڪٺپتليون آهيون. هوُ جيئن هلائي تيئن واهه واهه. (وري مٿي هٿ کڻي) هو ڏسين ٿو. تنهنجو ٻه پيءُ آهي ته منهنجو ٻه. مونکان نه ٿو ڏڪين، هن جو ته ٻپ ڪر. (پاسي ۾ رکيل ڇڙي کڻي اُٿڻ جي ڪوشش ٿو ڪري) هن جي لٽ ۾ آواز ڪونه هوندو آهي پُٽ.

(هاڻي جنرل لائيٽ چالو ٿي ٿئي. ڪاويري ڪپڙن جي پيتي کڻي منچ تي اچي ٿي.)

ڪاويري : هلون.

اپا : هلوُن، ڪاڏي؟ (وري ڪرسيءَ تي وهي ٿو.)

ڪاويري : هن گهر کان ٻاهر.

اپا : هيءُ گهر ڇڏي.

ڪاويري : ها.

اپا : ڪاڏي ويندا سين؟ شرير ته هلڻ کان ٻه هلاڪ ٿي ويو آهي.

ڪاويري : مونتي ڀروسو ڪونهيوَ ڇا؟

اپا : توتي ڀروسو ڪرڻ کان سواءِ ٻچيو ئي ڇاهي سرڪار.

ڪاويري : اسُر واري گاڏي پڪڙي نلوءَ وٽ ناسڪ هلندا سين.

اپا : ۽ ساڄي رات؟

ڪاويري : اسٽيشن جي پليٽفارن تي گذاريندا سين، پر هن گهر ۾ نه. هاڻي هت هڪ منٽ ٻه رهڻ محال آهي. توهانجي بي عزتي توهان پاڻ سهي سگهندا آهيو پر مان نه.

اپا : سرڪار، مون وٽ ناسڪ تائين پاڙو پرڻ جا پئسا بہ ڪونہ آهن.

ڪاويري : مون وٽ آهن نہ. ٽيون ڏينهن جڏهن نندا توهانکيپئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ مان سوناري وٽ وڃي هار وِڪڻي آيس.

اپا : ڪهڙو هار؟

ڪاويري : اُهو ئي توهانجو ڏنل هار. توهان پنهنجي سو اگت واري ڏينهن مونکي ڪونہ پاتو هئو. پنهنجن هٿن سان. ٻارن کي سڄي مليڪت ڏنوَ ۽ مونکي هيءُ هار. پاڻ کي داني ڪرڻ پيا سمجهو نہ . . .

اپا : ٺوڪِ بابا ٺوڪِ. توکي حق آهي. پر پٽ جو گهر ڇڏي ڌيءَ جي گهر . . .

ڪاويري : مونکي خاطري آهي تہ اسانجي ڌيءُ اهڙي ڪونہ نڪرندي. اِڏئين خط ۾ هن مونکي منٿوُن ڪيون هيون تہ اپا ۽ تون اچي گهمي وڃو. اپا منهنجي ڇوڪري تي تہ ڪونہ ٿا اچن. توکان ٻاهر ڪونہ ويندا.

اپا : سرڪار کان ٻاهر ڪير ويندو بابا؟

ڪاويري : اسانجا ٻار سُٺا آهن.

اپا : (ڪاٽيءَ جي سهاري اُٿندي) ٻار تہ برابر سٺا آهن، پر هيءُ پيداپو ڏاڍو خراب آهي نہ.

ڪاويري : هاٺي پوٽي وڃي جو ان تہ ڪونہ ٿا ٿي سگهون ۽ نہ ئي اِڳتي وڃي مرڻ پسند ڪنداسين. (ڪاري ٽوپي ڏيندي.) ڪوٽ اهو ئي رهڻ ڏيو. هيءَ ڪاري ٽوپي پائي شال ڪلهن تي ويڙهي ڇڏيو.

اپا : (ٽوپي پائي، شال ويڙهيندي) هڪ دفعو جيڪر سُهاس کي ڏسي وٺان هان. وري هن گهر ۾ اچڻ ٿئي الائي نہ.

ڪاويري : ڪنوار ڇيو نہ، پوٽيءَ کي توهان سان ملڻ جي منع آهي. آسار ام هن کي روُم ۾ بند ڪري رکيو آهي. هلو ٻارن جي واپس اچڻ کان اِڳ ۾ ئي اسان هتان نڪري هلون. نہ تہ سڄي عمر هن نرڳ ۾ پوڳٽو پوندو.

اپا : مرڻ کان پوءِ پہ نرڳ ۾ ئي وڃڻو آهي نہ.

ڪاويري : ناٽڪن جا ڊائلاگ ڇڏيو ۽ جلدي هلو.

(ڪاويري پيتي هٿ ۾ کڻي اڳتي وڃي ٿي.)

اپا : (ونگ ڏي نهاري) سُهاس پٽ، منهنجو آشيرواد اٿئي. نندا: ڪنوار

سدائين خوش رهو. (ڪاٺيءَ جي سهاري ڪرسيءَ تان اُٿندي) جيئن هلائين تيئن واهہ واهہ. (در وٽ پهچي وري مڙي ڳالهائي ٿو) سُهاس پٽ مان وڃان ٿو.

(اپا اسٽيج کان ٻاهر هليو ٿو وڃي. اندران سُهاس جو آواز اچي ٿو.)

آواز: مونکي ڇڻي نہ وڃو اپا. آسرام انڪل مونکي ٻاهر ڪيو.

(ميوزڪ جو آواز ڏيري ڏيري وڃي ٿو. انڪ پهريون سماپت.)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انڪ پيون

## سين نمبر پهريون

(هڪ ننڍڙي ريلوي اسٽيشن جو نظارو. اپا ۽ ڪاويري ويٽنگ روم ۾ ويٺا آهن. پٺيان هڪ دري آهي ۽ سامهون ٻه ڪرسيون رکيل آهن. ڪاويري دريءَ کان ٻاهر نهاري رهي آهي. سيٽي وڄي ٿي ۽ گاڏي وڃڻ جو آواز اچي ٿو.)

اپا : وئي؟

ڪاويري : ها. ڪهڙي گاڏي هئي؟

اپا : سورهان اپ، اڳتي گجرات پاسي ويندي

ڪاويري : سورهان ڇا؟

اپا : سورهان اپ، گاڏيءَ جو نمبر آهي. مونکي ٻه هن ڪوليءَ ٻڌايئن. (کيسي مان واچ ڪيي ٽائيم ڏسندي) سادي ٽين جو ٽائيم اٿس، چار ٿيا آهن. يعنيٰ ته اڌ ڪلاڪ ليٽ پئي ٿي هلي. اسان جنهن گاڏيءَ ۾ آياسين سا ٻه منو ڪلاڪ ليٽ هئي. يعنيٰ ته ٽائيم ٽيبل پڙهڻ لاءِ هڪ ناول آهي پيو ڪاجهه ٻه نه (ڪرسيءَ ته وهندي) ڪوئي آيو ته ڪو نه نه؟

ڪاويري : نه ڪوئي آيو آهي ۽ نه ڪوئي ويو آهي. ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ پليٽفارم جي ڪنڊ تي وڃي ايندڙ ويندڙ گاڏين کي ڏسي ڇا ٿو مليوَ. هڪ جڳهه تي ماٺڙي ڪري ڇو نه ٿا ويهي رهو. رات جو پيرن ۾ سور پيوَ ته مان زور ڪو نه ڏيندي مانوَ. ٻڌائي ٿي ڇڏيانوَ.

اپا : ايئن ڪنهن اسٽيشن تي فرسٽ سان وهڻ لاءِ ملي ته گاڏيون ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي نه سرڪار. ڪا هِن پاسي ٿي وڃي ته ڪا هُن پاسي. هاڻي جيڪا سورهان اپ گاڏي وئي نه سا فاسٽ گاڏي هئي. قائدي سان هن کي ننڍي اسٽيشن تي بيهڻو ئي ڪو نه هو. بس اسٽيشن ماستر اشارو ڪيو ۽ سگنل اپ. گاڏي بيهي رهي. (ڪلي ٿو)

تنهنجو ڪلهوڪو فرمان پاسيرو ڪري پيڙيءَ جو اتڙ چڪيان ٿو.

ڪاويري : وري پيڙي.

اپا : بس، ٻه ٽي ڦوڪون ئي هڻندُس. الائي ڇو ڪالهہ کان پيڙيءَ جي ٻاڙ لڳي آهي. وڌيڪ نہ، بس ٻہ چار ڦوڪون.

ڪاويري : اڄوڪو ڏينهن پلي چڪيو.

(ڪاويري وڃي ٿي. اپا کيسي مان پيڙيءَ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس ڪڍي پيڙي دُکائي ٿو.)

ڇا زمانو اچي ويو آهي، ڏالن کان بنا پڇي پيڙي بہ نٿا ڇڪي سگهون.

(پيڙيءَ کي ڦوڪ ڏئي ٿو. ڌيري ڌيري لائيٽ گهٽ ٿئي ٿي. دريءَ وٽ سموڪ لائيٽ. اپا خيالن ۾ ڪوئنجي ٿو وڃي. خيالن ۾ ئي دريءَ وٽ سُهاس اچي بهي ٿي.)

اپا : نيڀي، ڪنڌ پڳي، شل ڪا پيڙي سائي ٿيئي. (ٿورو ترسي) مار پوَئي. وري اچي وئين. سويل هيترو تنگ ڪيئہ تنهن بہ پيٽ کو نہ پريو اٿئي ڇا؟ مونکي تنگ ڪرڻ ۾ مزو ٿو اچئي. سورهان اپ جي ديي جي دريءَ وٽ ڇو بيٺي هيئن؟ مان سڄ ڏنومانءِ تہ ٽاٽا ٽاٽا ڪري بوڙ پائي گاڏيءَ ۾ چڙهي هلي وئين. هاڻي هتي دريءَ وٽ اچي بيٺي آهين. خبر اٿئي تنهنجي چڪر ۾ مان گاڏيءَ جي پٺيان پٺيان پليٽفارم جي آخر تائين هلي آيس. هي تہ ڪوليءَ ڏسي ورتو نہ تہ مان ڪري پو ان هان. پو تنهنجي ڏاڏيءَ کي ڪير سنڀالي هان. چڱو هاڻي آئي آهين تہ چاڪليٽ وٺي وڃ، مان تنهنجي لاءِ آندو آهي. (کيسي مان چاڪليٽ ڪيڻ لاءِ هٿ ٿو وجهي تہ سهاس زور زور سان کلي ٿي ۽ غائب ٿي ٿي وڃي. هاڻي دريءَ تي ٽڪيٽ ڪليڪٽر ٿو نظر اچي.)

ٽڪيٽ ڪليڪٽر : مونکي چاڪليٽ نہ کپي. ٽڪيٽ ڏيکاريو ٽڪيٽ.

اپا : ٽڪيٽ

ٽڪيٽ ڪليڪٽر : ها ها ٽڪيٽ. ٽڪيٽ بنا ويٽنگ روم ۾ تہ ڇا، پليٽفارم تي گهمڻ جي بہ منائي آهي.

اپا : يعنيٰ تہ توکي چاڪليٽ نہ کپي؟

وچڻو پيو. وري اُتان بند واري سائيٽ تي ويندا، ڪي پرديسي اچڻا آهن. سو صاحب جي ڪار ته اُتي ئي وئي سُڪ. مئبم ۽ صاحب به ٿي ويا سُڪ. بچيُس مان ۽ جيپ. رستي تي جيپ به جواب ڏئي ويٺي. مان نه ڪئي هم نه ڪئي تم هڪڙي ٽانگي واري کي سڏ ڪيم.

اپا: واهه

وٺوبا: ٽانگي واري پندرهان منٽ ته گهوڙي کي گاهه کارايو. مس ڪو گهوڙو اڳتي وڌيو ته ٽانگي جو ڦيٿو ٻاهر نڪري آيو. اڌ ڪلاڪ اُتي به ويو پوءِ اڳتي وڌياسين مس ته گهوڙو الائي ڪهڙي ڳالهه تي رُسي ويو. هاڻي توهان ئي ٻڌايو ته مان ڇا ڪيان؟

اپا: رُٺلن کي پرچائيندين پيو ڇا ڪندين؟

وٺوبا: اُهوئي ته ... شواجي مهاراج جڏهن قلعو فتاح ڪرڻ نڪتا ته رستي تي گهٽيون ئي رنبڪون آين. هنن پنهنجي عقل سان سيني تي سوپ پاتي. مونکي به سامهون هڪ بيل گاڏي نظر آئي. مان پنهنجو دماغ لڳايو.

اپا: پنهنجو؟

وٺوبا: ها، سوچيم، ڪيئن به ڪري اسٽيشن تي ته پهچڻو ئي آهي، نه ته مهمان ناراض ٿي ويندو. هتي پهچي بيل گاڏيءَ واري کي چانهه جي طلب لڳي. بس چانهه پئي پيتي ته آئي نظر آئي.

اپا: يعنيٰ قلعو فتاح ٿي ويو.

وٺوبا: ها.

اپا: ڪيڏي بهادريءَ جو ڪم ڪيو اٿئي يار. توکي ڏسي ته ڪولمبس به لڄي ٿيندو. اهو ته ٻڌاءِ تون ڪنهن ناٽڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو آهين ڇا؟

وٺوبا: ها سائين، ننڍي هوندي اسانجي ڳوٺ جي ناٽڪ منڊليءَ ۾ ڪم ڪندو هوس. مونکي ته ناٽڪن ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي.

اپا: (سامان کڻندي) هنوُمان جو رول ڪندو هئين ڇا؟

وٺوبا: نه سائين، مان پڙدو کڻندو هوس ۽ پڙدو ڪيرائيندو هوس. جڏهن رهرسل

تي ڪو ڪلاڪار ڪو نہ ايندو هو تہ ڊائريڪٽر اُن جي جڳھہ تي مونکي بھاري ڇڏيندو هو. ناٽڪ جو هڪ هڪ ڊائلاگ اڄ بہ مونکي ياد آهي. هاڻي راهينگر ۾ بہ هڪ ڊرامو ٿي رهيو آهي.

اپا : ڪھڙو؟

وٺوبا: هيمليٽ. اُن ناٽڪ ۾ مونکي هيمليٽ جي پيءُ جو رول مليو آهي.

اپا : اڇا. هيمليٽ جو پيءُ؟

گولوُ: ها. جڏهن مان ڀوت ٿمي ماڻهن جي سامھون ايندس تہ ماڻهو مونکي ڏسندا ئي رهجي ويندا.

(سڀ کلن ٿا.)

اپا : واھ. لڳي ٿو تنهنجو ڊائريڪٽر ڏاڍو سمجھدار آهي جو اينئي سٽي ڪاسٽنگ ڪئي اٿئين. اهو تہ ٻڌاءِ گھر ڪيئن هلنداسين؟ اسٽيشن جي ٻاهر تہ ڪڪڙوُ ڪوُ لڳي پئي آهي. (جيپ جي هارن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.) آهي ڪو تہ واهن آهي.

وٺوبا : اهو اسانجي جيپ جو ئي آواز آهي سائين. لڳي ٿو ميم صاحب ۽ صاحب بہ اچي ويا آهن. مان ڏسي ٿو اچان.

(وٺوبا ٻاهر وڃڻ لاءِ اُٿي وڃي ٿو. ايتري ۾ سامھون کان نلوُ ۽ سداڪر اچن ٿا.)

نلوُ : (ڪاويريءَ کي ڀاڪر پائيندي) آئي. اپا (اپا سان بہ ڳنڍجي ٿي) ساري اپا مونکي اچڻ ۾ دير ٿي وئي.

اپا : ڪائي ڳالھہ ناهي پٽ اچڻ ڪانپوءِ بہ پھريون آئيءَ سان ئي ڳنڍينئن نہ.

نلوُ : ساري اپا.

اپا : جھرڪيءَ جا ٻچا بہ آکيري ۾ اندر اچي پھريون ماءُ سان ڳنڍجندا آهن ۽ پوءِ وڃي تار تي لٽڪيل پيءُ سان.

وٺوبا: ڇا تہ ڊائلاگ آهي ڪھڙي ناٽڪ جو آهي؟

اپا : ناٽڪ جو نالو آهي ”بابي ڇيو ڌيءُ کي“ (سڀ کلن ٿا. اپا نلوءَ کي نلوُ ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آهين.

نلوُ : نہ، ڪاٿي؟

اپا : پيو نہ تہ. طبعيت تہ ٺيڪ اٿئي نہ؟

نلوُ : (سڌاڪر کي) اپا کي ڪجهہ نہ ٻڌائجو، نہ تہ ڏڪا پوندا.

سڌاڪر : اپا نلو ڊائٽنگ تي آهي.

(سڌاڪر اپا کي پيري ٿو پئي)

اپا : يائي اسانکي توهانجو قدرت سان ڪلو اڙ ڪرڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي (سڌاڪر کي) تو ۾ بہ تہ ڏايو ڦيرو اچي ويو آهي. شڪل ئي ٻي ٿي لڳي.

نلوُ : اپا اهي ڳالهيون گهر هلي ٿا ڪيون (وٺوبا کي) وٺوبا تون سڀجو سامان ڪٽي گهر پهچاءِ. برائور پيٽرول ڀرائي اچي تہ هارن وڄاءِ، اسان اچون ٿا.

اپا : پورو ڏيڍ ڪلاڪ اسان کي هتي ترسڻو پيو ۽ هاڻي گهر هلڻ جي تڪڙ ٿي ڪرين.

سڌاڪر : اپا ساري، ڳالهہ هيئن آهي تہ . . .

نلوُ : توهانجي تار ڪالهہ صبوح جو ملي. وري ٿوري دير ڪانپوءِ نندا جي بہ تار ملي تہ آئي، اپا سک سان پهچن تہ تار ڪجو. اسانکي هڪ ميٽنگ اڄي ئي فڪس ٿيل هئي. فارين مان ٽيڪنيشن آيا هئا. اُنهن سان سائيٽ تي وياسين، پوءِ اُنهن کي لنچ ڪرايوسين. ڇا ڪيون اپا سڀ ڪرڻو پوندو آهي. (وٺوبا کي) سڀجو سامان ڪٽي وڃ نہ (اپا کي) گهر آياسين تہ جيپ خراب ٿيڻ جي خبر ملي. انهيءَ ڪري سڌو هتي آياسين. هيءُ وٺوبا اهڙو چريو آهي جو فون ڪري ٻڌائي بہ نہ ٿو.

اپا : ڪلاڪار آهي نہ. ڪلاڪار جو ڌيان هڪ وقت تي هڪ پلسي ئي هوندو آهي. گهاٽيءَ جي بئل وانگر.

نلوُ : تہ چئبو اڄڻ شرط توهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيائين.

اپا : ها شروع کان وٺي هيمليٽ تائين سڀ ڪجهہ. تون بہ هن ناٽڪ ۾ ڪم ٿي ڪرين ڇا؟

نلو : نہ بابا مان رول ڪو نہ ڪندس. هنن جو باس ناٽڪن جو شونقين آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هُن جي زال کي بہ شونق اٿس. پئي ڏاڍي محنت پيا ڪن. اپا توهان ناٽڪ ڏسڻ ضرور اچجو.

اپا : اچجو معنيٰ؟

نلوُ : مان ننڊا کي بہ تار ڪندس. سڀ ڄڻا بامبي مان گڏ اچجو.

اپا : مان هاڻي ننڊا ڏي ڪو نہ ويندس.

نلو : پر ننڊا تہ تار ۾ لکيو آهي تہ آئي اپا کي ڏهہ پندرهان ڏينهن رهائي واپس موڪلجو.

اپا : تڏهن بہ نہ.

نلوُ : باقي؟

اپا : اسان هاڻي هتي ئي رهنداسين. تو وٽ، هميشہ لاءِ.

نلوُ : هميشہ لاءِ؟ (سڌاڪر ڏي نهاري ٿي.)

اپا : ها جيسين جيئرا آهيون تيسين. پوءِ نہ. تون چنتا نہ ڪر.

نلوُ : مان ڇو چنتا ڪيان اپا.

اپا : مونکي لڳو توکي ......

نلوُ : نہ اپا مان اهو پئي سوچيان تہ ننڊا ڇا چوندو. پٽ جي هوندي .....

اپا : نالي جو پٽ آهي. (سڌاڪر کي) سُڌاڪر توهانجو گهر تہ وڏو آهي نہ.

سُڌاڪر : اِلاهي وڏو آهي اپا. ڏسجو هلي.

اپا : ۽ ٻار؟

سُڌاڪر : ٻار ٻئي لوناولا ۾ رهندا آهن. هوسٽل ۾. سال ۾ هڪ دفعو ئي اسان سان ملڻ ايندا آهن.

اپا : پوءِ تہ گهر خالي خالي لڳندو هوندو نہ.

نلوُ : وڏو با آهي نہ ڏهن جي برابر. ڳالهين ڳالهين ۾ وسري وياسين. اپا لاءِ ڳلن جو ٻڪي جو آندو هو.

(نيلو ٿيلهيءَ مان ٻڪي ڪيي اپا کي ڏئي ٿي.)

اپا : هيءُ ڇا جي لاءِ؟

نلوُ : اپا اڄ توهانجو جنم ڏينهن آهي. (ڪاويريءَ کي) آئي، تنهنجي لاءِ بہ موگري جي گلن جي ويڻي ٺاهي رکي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاويري : مان هن عمر ۾ ويٺي پائيندس.

اپا : سرڪار، تنهنجي ته موج آهي. اچ ويٺي، سياٽي ساڙهي، پرينهه... موج ڪندينءَ ٿيءُ جي گهر ۾.

سُڌاڪر : اسانجي گهر ۾ ڇئو اپا. هتان وارو گهر به ته توهانجو ئي آهي نه. توهان هتي هميشه لاءِ رهندءُ ته اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي.

(ڪار جو هارن وڄي ٿو.)

نلوُ : اپا ڪار اچي وئي. هلون. اچو مان توهان کي هٿ پڪڙي ٿي وٺي هلان.

(نلو اپا جو هٿ پڪڙي وٺي هلي ٿي.)

اپا : سُر ڇوي ٿو ساٿ ڏي.

ڏيئو ڇوي ٿو وٿ ڏي

جهور پيي پيءُ کي تون بس

پنهنجو هٿ ڏي،

تون بس پنهنجو هٿ ڏي.

**(خوشيءَ جي ميوزڪ وڄي ٿي سين سماپت)**

## سين نمبر پيون

(سداڪر ڪارليڪر جي گهر جو نظارو. گهر مابرن نموني سجايل آهي. وٺوبا هر ۾ اڪيلو آهي. هو سوفا سيٽ جي ڇئني پاسي گهمي هيمليٽ ناٽڪ جي رهرسل ڪري رهيو آهي. ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي.)

وٺوبا : هلو ... سُڌاڪر ڪارليڪر صاحب جو بنگلو. مان ... مان هيمليٽ جي پيءُ جي آتما ڳالهائي رهيو آهيان.

آواز : آتما جا سڪا، ٻڌ. اسان ٻئي ڪلب ۾ آهيون. هنن جي وڏي صاحب جو فون آيو هو. تون ٻڌين پيو ٿو نه؟

وٺوبا : ها ميم صاحب، پڳو ان مونکي به ڪن ڏنا آهن.

آواز : ڪن ته به ڏنا اٿئين پر دماغ هڪ به ڪو نه ڏنو اٿئين. ڏيان سان نه ٻڌندين ته سڀ گڙٻڙ ڪري ڇڏيندين وٺوبا. هنن جو صاحب پنهنجي زال سان گڏ اسانجي گهر اچي رهيو آهي.

وٺوبا : يلي اچي.

آواز : هنن کي اپا سان ملڻو آهي. اپا گهر ۾ آهن نه؟

وٺوبا : ها ميم صاحب. نه نه اپا ته ڪو نه آهن. ويا هوندا ڪٿي آسي پاسي ۾، ٿوري دير ۾ اچي ويندا.

آواز : ته هنن کي وهڻ لاءِ چئجانءِ. جيسين اپا اچن مهمانن جو خيال رکجانءِ. آئيءَ کي شام واري دوا ڏنئي؟

وٺوبا : سويل ئي ڏني مان.

آواز : ۽ ٻڌ؟ ٻاهرئين هال کي چڱيءَ طرح صاف ڪري ٺاهي جوڙي رک. اپا سڀ بگاڙي ڇڏيو هوندو نه.

وٺوبا : صاف ڪيو آهي ميم صاحب.

آواز : ڪيٽ ۾ شربت جون بوتلون آهن نه. ٽي چار بوتلون ڪيي فرج ۾ رکي ڇڏ. اسان به جلدي اچڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا.

وٺوبا : ٺيڪ آهي ميم صاحب.

(وٺوبا رسيور رکي سٽيج جي وچ ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجا ڊائلاگ ياد ٿو ڪري.)

وٺوبا : مونکي قسم آهي، قسم آهي، قسم آهي.

اپا : (اپا ٻاهران اچي ٿو. اپا جي هٿ ۾ اخبار ويڙهيل پڪوڙن جي پڙي آهي.) شانت رهه ٻچا شانت رهه. هان وٺ پڪوڙا کاءُ.

وٺوبا : واهه اڄ ڪان ٿيهه سال آڳ وارو اپا.

اپا : (هيٽ ڪريل لڪڙي ڪٿي الماريءَ جي ڪنڊ ۾ رکي ٿو.) ايڏيون پراڻيون ياديون نه ڏيار چريا. (اُداس ٿي) پراڻين يادين ۾ ڪوئاڄڻ سولو آهي. پر ايمنيوءَ وانگر انهن يادُن جي چڪرويوهه مان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو. ٻڌ، تو هيءُ ڊائلاگ غلط چيو. سهي ڊائلاگ آهي مون قسم نيايو. قسم نيايو، قسم نيايو.

وٺوبا : انهي ڪري ته چوان ٿو توهان مونکي رهرسل ڪرايو.

اپا : رهرسل؟

وٺوبا : ايتريءَ ۾ وسري ويئُ ڇا. مان هيمليٽ جو پيءُ سمڊ آهيان.

اپا : اڙي ها تو ٻڌايو هو. هلڻ ڏي ......

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(اپا اندر وڃڻ لاءِ اُٿي ٿو)

وڻوبا: اپا ٻڌايو ته سهين، هي ُرول ڪرڻو ڪيئن آهي.

اپا: ڪنهن به ٻيي کي، جنهن جي عمر ستر سال کان وڌيڪ هجي، نظرن اڳيان آڻ. هونءَ به ٻڍا ماڻهو آتمائن و انگر پيا هتي هُتي ڀٽڪندا آهن. جيئن مان (کلي ٿو)

وڻوبا: نه اپا مونکي ٻي تڪليف آهي.

اپا: چئه ُ.

وڻوبا: پهرين انڪ جي چوٿين سين ۾ سمڌ چوي ٿو ”هُن وييپاچاري ۽ هلڪٽ جناور منهنجي زال کان زبردستي برو ڪم ڪرايو. اهڙو نيچ ڪم هوءَ ڪري ڪيئن سگهي چندرسين.“ توهان مونکي ٻڌايو اپا ته مان ڪهڙي اکر تي زور ڏيان. نيچ تي، ڪم تي يا چندرسين تي. ڊائريڪٽر چوي ٿو نيچ اکر تي زور ڏي، مان سمجهان ٿو چندرسين تي زور ڏيڻ گهرجي. فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي.

اپا: تون سيني اکرن تي زور ڏئي ڏس، جيڪو ڪن کي سٺو لڳي سو هلائجئن. باقي ڪئنسل. هونئن به اڄڪلهه ماڻهن جي ڪنن کي سڀ ڳالهيون ڪاٽي ٿيون وڃن.

وڻوبا: مون ڪو نه سمجهيو اپا؟

اپا: شيڪسپيئر کي سمجهڻ ڪا سؤلي ڳالهه آهي ڇا؟ هان وٺُ پڪوڙا کڻُ، راميا نمڪينو الا کان تازا تازا وٺي آيو آهيان.

وڻوبا: اپا توهان ٻاهريون شيون گهر ۾ نه آڻيندا ڪيو، ميم صاحب ناراض ٿيندي آهي.

اپا: خبر آهي. تون انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏيندو ڪر. پنهنجو پورو ڌيان ناٽڪ تي لڳاءِ. انسان اڳيان ڪو به مشڪل سوال اچي ته هن کي ڌيان لڳائڻ گهرجي. وقت به نڪري ويندو ۽ سوال جو جواب به ڪو نه ڏيڻو پوندو. سرڪار کي پڪوڙا کارائي اچان نه ته ٿڌا ٿي ويندا. هي وٺُ به تي پڪوڙا تون به کڻُ.

وڻوبا: نه نه اپا مونکي نه کپن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(وٿوبا اندر وڃڻ لاءِ پڇي ٿو. ايتري ۾ ٻاهرين بيل وڄي ٿي. اپا اندر ان اچي در کولڻ لاءِ وڃي ٿو. هٿ ۾ پڪوڙن واري پڙي اٿس.)

اپا: اچان ٿو بابا. تڪڙ ڇو ٿا ڪيو؟

(سُڌاڪر جو باس ڪرٿوڏڪر ۽ انهي جي زال اچن ٿا.)

باس: سُڌاڪر اڃان ڪو نه آيو آهي ڇا؟

اپا: مونکي لڳي ٿو ڪو نه آيو آهي.

باس: ٻئي زال مڙس ڪلب ۾ آهن. ڇاڻ آيا. اسان توهان سان ئي گڏجڻ آيا آهيون.

اپا: جيءُ آيا. ناچ آيا.

باس: هيءَ منهنجي زال آهي. ناٽڪ ۾ راڻيءَ جو رول ڪري رهي آهي ۽ مان چندرسين جو رول ٿو ڪيان. ناٽڪ جو ڊائريڪٽر بہ مان ئي آهيان.

اپا: ٿيو ڏينهن رهرسل ڏٺم جو. (وٿوبا کي سڏ ڪندي) اڙي وٿوبا ڪاٿي آهين؟ تنهنجي صاحب جو بہ صاحب آيو آهي. چانهہ پانهن تہ کٽي اچ.

(وٿوبا اندر ان اچي ٿو.)

باس: سُڌاڪر اچي پوءِ ٿا چانهہ پيئون. تون وڃ وٿوبا.

وٿوبا: ها سائين (وٿوبا اندر وڃي ٿو.)

باس: اوهانکي اسانجي ناٽڪ جي رهرسل ڪيئن لڳي؟ مان پيشي سان انجنيئر آهيان. پر ناٽڪ ڪرڻ جو بہ شونق اٿم. اسان ٻئي جڏهن بمبئيءَ ۾ هوندا هئاسين تہ اُتي هڪ ناٽڪ منڊليءَ ۾ ڪم ڪندا هئاسين. پوئين سال هڪ چٽاپيٽيءَ ۾ تہ هن کي پهريون نمبر انعام پڻ مليو هو. هن کي بيسٽ هيروئن جو اوارڊ تہ مونکي بيسٽ ڊائريڪٽر جو.

اپا: واهہ.

باس: هن پيري هيمليٽ جهڙو ناٽڪ هٿ ۾ کٽي وڏي ذميداري کنئين آهي.

زال: هنن انهيءَ ئي ناٽڪ ۾ هيمليٽ جو رول ڪيو آهي ۽ هاٽي ڊائريڪشن ٿا ڪن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باس : ها پر اُهو انگريزيءَ ۾ هو. هاڻي مان هن کي الڳ اسٽائل ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. ناٽڪ کي هڪدم نئون ٽريٽمينٽ ڏبو. شيڪسپيئر جا ناٽڪ پهريون بہ ٿيا آهن. مونکي نٿو لڳي تہ ڪنهن هن کي سهي سڃاتو آهي.

اپا : هون، شيڪسپيئر کي سمجهڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪو نہ آهي.

باس : ٿيو ڏينهن توهان رهرسل تان جلدي نڪري ويئہ تہ اوهان سان ڳالهائڻ ئي ڪو نہ ٿيو. ناٽڪ جي باري ۾ توهانجو ڇا امپريشن آهي.

اپا : رهرسل مست پئي هلي. ڏايو سٺو.

باس : توهان هيمليٽ ناٽڪ ڪيو آهي.

اپا : ها، گهڻئي شو ڪيا اٿم.

باس : توهانکي ڪاجهہ ڇوٽو هاجي تہ ....

اپا : ڇوٽو وري ڇا آهي؟ سڀ سٺو ئي آهي. گنگا کي ڪيئن وهڻ گهرجي، برهمپترا نہ ٻڌائي، برهمپترا کي ڪيئن وهڻ گهرجي، گنگا نہ ٻڌائي تہ بهتر. ٻئي پنهنجي پنهنجي مستيءَ ۾ وهنديون رهن. هڪ ئي پهاڙ تان نڪرن، هڪ ئي سمنڊ ۾ وڃي ملن. ٻنهي جو سڀاءُ الڳ تہ رستا بہ الڳ الڳ.

زال: ڪاجهہ تہ ٻڌايو نہ. هيءُ ناٽڪ اسان ڇٽاپيٽيءَ ۾ بہ ڪرڻ وارا آهيون. شو جاندار ٿيڻ گهرجي.

اپا : توهان هي پڪوڙا کائو، ڏاڍا سٺا آهن. هاڻي اجا دڪاندار کان وٺي آيو آهيان.

زال: گهر جا تريل هجن هان تہ جيڪر کائون بہ. دڪاندار وٽ تہ گندگي هوندي سنان بہ ڪنڊو هوندو الائي نہ.

اپا : اُهو تہ مونکي بہ خبر ناهي. پر پڪوڙا سٺا ٺاهيندو آهي. منهنجي سامهون تري ڏيندو آهي. (باس کي) توهان کائو.

باس : نو ٿئنڪس، مونکي لڳي ٿو اوهان کي رهرسل ۾ مزو ڪو نہ آيو. شايد اسانجي نئين اسٽائل توهان کي سمجهہ ۾ ڪو نہ آئي.

اپا : پڪوڙن ۾ مرچ وڌيڪ آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باس : توهان منهنجي سوال جو جواب ڪو نہ ڏنو؟ اسانجي نئين اسٽائل ......

اپا : توهان وٽ هڪ بہ ڪلاڪار ڪي اسٽيج جي ڄاڻ ڪو نہ آهي. نہ اسٽيپنگ برابر اٿن ۽ نہ ئي ڊائلاگ ڊليوري ۽ نہ ئي هڪڙو ڪلاڪار ٻئي ڪلاڪار کي رسپانس ٿو ڏئي. سڀ رٽيل ڊائلاگ ٿا چون، سي بہ ڪنهن بہ ڪلاڪار کي پورا ياد ڪو نہ آهن. آواز ايترو گهٽ اٿن جو مائڪ تائين پهچي بہ سگهندو الائي نہ.

باس : اهو ئي تہ فرق آهي نوَن ۽ پراڻن ڪلاڪارن ۾ سائين. ڊائلاگ ٻڌائڻ لاءِ پرامپٽر وينٺو آهي نہ، اُٿي پڙدي پٺيان ويٺو ئي هوندو. رهي ڳالهہ آواز جي تہ مان ناٽڪ ۾ رڙيون ڪرڻ پسند نہ ڪندو آهيان.

زال : اسان تہ سيٽ بہ سمپل ئي رکندا آهيون، جيئن جهنگل جو سين آهي تہ رڳو هڪ وڻ ٺاهي سمبالڪ جهنگل ٺاهيندا آهيون. اڄڪلهہ جي آڊيئنس هوشيار آهي. سڀ سمجهي ويندي آهي.

باس : توهان گٽپتراو جا ناٽڪ تہ ڏٺا ئي هوندا.

اپا : ها، ها، گهٽئي ناٽڪ ڏٺا اٿم.

باس : مان بس هنن جو نالو ٻڌو آهي. چوندا آهن تہ هو ناٽڪ جو ابو آهي. پر ٻڌو آهي تہ هن جا ڪلاڪار سڀ رڙيون ڪري ڊائلاگ چوندا هئا. اُن زماني جا سڀ ڪلاڪار ايئن ئي هئا ڇا؟ آءِ ڊونٽ بليو هي اِز اَگُڊ ائڪٽر رادر هي اِز ناٽ ائن ائڪٽر ائٽ آل.

اپا : اُٿو هتان.

باس : ڇو ڇا ٿيو؟ سوفا خراب ٿي ويو آهي ڇا؟

اپا : مان چوان ٿو اُٿو؟ (باس اُٿي ٿو) هاڻي ٻاهر وڃو.

باس : ٻاهر

اپا : ٻاهر معنيٰ پنهنجي گهر.

(سُنڌاڪر ۽ نلوُ اچن ٿا. اپا جو اوچو آواز ٻڌي وٺو با بہ اندران اسٽيج تي اچي ٿو.)

نلوُ : ڇا ٿيو اپا؟

اپا : (باس کي) توهان کي چيم نہ هتان هليا وڃو. گٽپتراو منهنجو پڳوان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئو پڳو ان. توهان منهنجي پڳو ان جي برائي ٽا ڪيو. ڪٽپتر او، بال ڳ نترو، ڪيشور او اهي سڀ مرائي ناٽڪ جا ابا آهن ابا. انُهن جا ناٽڪ ڏسي ڏسي تہ مان ''نٽ سمرات'' ٿهيو آهيان.

سُڌاڪر : اپا شانت ٿيو.

اپا : منهنجي پڳو ان جي باري ۾ ڪنا لفظ. مهرباني ڪري هتان هليا وڃو.

باس : (ز ال کي) هل هتان.

سُڌاڪر : منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌو صاحب.

باس : توسان تہ مان سياڻي آفيس ۾ ڳالهائيندس.

(باس وڃي ٿو. سُڌاڪر بہ انُهيءَ جي پٺيان پٺيان وڃي ٿو. نلوُ پٽ کي ٽيڪ ڏئي اکيون ٻوٽي ويهي ٿي رهي. ٿوري دير شانتي. ميوزڪ)

اپا : (نلوءَ کي) ساري نلوُ، مان غلط ڪيم نہ. مونکي ائين نہ ڪرڻ گهرجي هان.

نلوُ : اپا توهان اندر وڃي آرام ڪيو.

اپا : مونکي اهو ڌيان ئي نہ رهيو تہ هو سُڌاڪر جو باس آهي.

نلوُ : اپا توهانکي چيم نہ اندر وڃو؟

( اپا لڪڙيءَ جي سهاري سان اندر وڃي ٿو. نلوُ اُداس ٿي سوفا تي اچي وهي ٿي. سُڌاڪر ٻاهران اچي ٿو.)

نلوُ : سُڌاڪر، تون مون سان ناراض آهين نہ؟

سُڌاڪر : ڪاجهہ يي. توتي ڇو ناراض ٿيندس ڀلا.

نلوُ : مان آئي ۽ اپا کي هن گهر ۾ رهايو نہ.

سُڌاڪر : انهيءَ ۾ تنهنجي ڪهڙي غلطي آهي. يو هيوَ بن يوئر ڊيوٽي.

نلوُ : مان سماجهي سگهان ٿي تہ هن ڳالهہ جو ڪهڙو اثر ٿيندو. اوهانجو باس الڳ ٽائپ جو ماڻهو آهي. هو اها ڳالهہ اصل نہ وسرندو.

سُڌاڪر : تون چنتا نہ ڪر نلوُ. هو ڪاجهہ ڏينهن تڪليف ڏيندو. مان سهن ڪندس. هن کي تڪليفون ڏيڻ جي عادت پئجي وئي آهي.

نلوُ : مونکي لڳو هو تہ نندا ۽ شاردا ئي غلط آهن. هاڻي خبر ٿي پوي تہ آئي ۽ اپا کي سنڀالڻ ڇگَي ڀلي جي وس جي ڳالهہ ناهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُڌاڪر : هو الڳ دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو آهن. اسانجي دنيا سان ٺهڪي هلڻ هنن لاءِ به ته ڏکيو آهي نه.

نلوُ : ائين ڪيستائين هلندو سُڌاڪر؟ مان توکي ٻڌايم ڪو نه، ٽيو ڏينهن اپا پاسي واري صوبيدار کان به ڏهه رپيا اوتر وٺي آيو هئو. اُهو به رستي تي سڏ ڪري.

سُڌاڪر : لوتر؟

نلوُ : ڪجهه هوش ئي ڪو نه اٿن. ڪنهن سان ڪجهه به ڳالهائن ٿا. ماڻهو جمع ڪري رستي تي ڳالهيون ڪرڻ ويهي ٿا رهن. نالو ته اسانجو ٿو خراب ٿئي نه. سنو آهي اسانجا ٻئي ٻار شهر کان ٻاهر ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٿا پڙهن. نه ته ته اُنهن کي به ڪاري چڙن هان.

سُڌاڪر : اسانکي اهو نه وسارڻ گهرجي ته ٻار ءِ پيو ٻئي هڪ جهڙا هوندا آهن.

نلوُ : ته پو هن ٻار لاءِ ماءُ ڪٿان آڻيون. هي ڏسو نه. پڪوڙا کائي اخبار جو تيل وارو پنو هتي ئي اُڇلائي ويا آهن. پنڪي ٻڌائي پئي انهي ڏينهن ڪٻٽ مان چانديءَ جو هاٿي ڪيي پنهنجي وهاٽي هيٺان رکي ڇڏيائين. پاڇڻ تي چيائين ته مونکي هاٿي ڏادا وڻندا آهن. مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هنن جو ڪجي ڇا؟ آئيءَ جو به اهو ئي حال آهي. ڪائي شيءِ ڪٿي ٿي رکي منٽن ۾ وسري ٿي وڃي. پاڇيس ته ياد ئي نٿو اچيس. سُڌاڪر تون يلي ڪجهه ڪُڇين نٿو، پر مونکي نه ٿو سمجهه ۾ اچي ڇا ته تنهنجي ڪهڙي حالت هوندي؟ (رئندي) پر مان ڪري به ڇا ٿي سگهان؟

سُڌاڪر : (نلوءَ جي وياڄهو اچي سنس ڪلهي تي هٿ رکي) چري آهين. ايڏو سوچبو آهي ڇا؟

نلوُ : منهنجي من ۾ هڪ ويچار آيو آهي. ڇو نه آئوٽ هائوس جي صفائي ڪرائي ٻنهي کي اُتي شفٽ ڪجي. اُتان جو وڏو روم خالي پيو آهي.

سُڌاڪر : هي تون ڇا ٿي چئين نلوُ؟

نلوُ : ها پوءِ ڇا هي. وڏو ٻا جو روم به ته پاسي ۾ ئي اٿن. روٽي پاڻي به سؤلي پهچي ويندن. آئي ته هوئن به هڪ ڪٽ جي حوالي ئي آهي.

سُڌاڪر: هرو ڀرو اهڙو ڪنور ڏيڻ ضروري آهي ڇا؟

نلوُ: گهر ۾ ئي هوندا نه. ڪٿڙو ٻاهر ٿا وڃن. پيو ڪو علاج به ته ڪو نه آهي نه. اسان سڄو خيال رکندا سون. مون تي ٻنهي ڪي سنڀالڻ جي جوابداري آهي نه. سا مان خوشيءَ خوشيءَ ڪندس. انُهن جي ڪري تو ڪي ٻين جي نظرن ۾ شرمندو ٿيڻو پوي سو مان اصل برداشت نه ڪندس. (وٿوبا ڪي سڏ ڪندي) وٿوبا او وٿوبا ....

وٿوبا: (اندر ايندي) جي مالڪڻ.

نلوُ: ڏيان سان ٻڌ. آئوٽ هائوس ۾ جيڪو روم آهي نه تنهن کي چڱيءَ طرح صاف ڪري آئي ۽ اپا جون ڪتون ۽ الماري اتُي شفٽ ڪر.

وٿوبا: جي مالڪڻ.

نلوُ: انهناجي چانهه پاڻي ۽ ٻئي ٽائيم روٽي سڀ اتُي ئي ڪاڄاڻ.

وٿوبا: جي مالڪڻ.

نلوُ: هنن جو پورو پورو خيال رکاج ۽ پنڪيءَ کي به چئي ڇڏج.

وٿوبا: جي مالڪڻ.

(وٿوبا وڃي ٿو)

نلوُ: (رُئندي) سُڌاڪر مان سمجهان ٿي ته مان غلط ڪري رهي آهيان. اپا چوندا منهنجي ڳڙيا راڻي مون تي ظلم ڪري رهي آهي. پر مان به .... مونکي منهنجو گهر به ته ڏسڻو آهي نه. تنهنجي مٿان آفيس جي ڪيڏي وڏي ذميداري آهي. ٿورو به گهٽ وڌ ٿيو ته باس جي نظرن ۾ ....

سُڌاڪر: نلوُ تون وڌيڪ ٽينشن ڪٽي رهي آهين. هل اندر هلي آرام ڪر.

(سُڌاڪر نلوءَ کي سوفا تان اُٿاري اندر وٺي ٿو وڃي.)

**(سين سماپت)**

### سين نمبر ٽيون

(آئوٽ هائوس جي ڪوليءَ جو نظارو. ڪاويري هڪ کٽ تي ليٽي پئي آهي. اپا پاسي ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي ''ڀڳوت گيتا'' جو پاٺ پڙهي ڪاويريءَ کي ٻڌائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاجهہ بہ هجين، ٻاهر ٻاڦ نہ ڪيندا. اسانکي هر ڳالهہ کان انڄان رهي ڪري جيڪو هلي ٿو اُهو هلڻ ڏجي. اهائي اسانجي عمر جي تڪڙا آهي.

ڪاويري: هتي رهي منهنجي طبيعت ۾ سڌارو ڪو نہ ايندو.

اپا: ڳوٺ ۾ هلي ٺيڪ ٿي ويندينءَ؟ اُتي تہ ڪو ڍنگ جو ڊاڪٽر بہ ڪو نہ ملندو.

ڪاويري: نہ ملي، گهرو علاج ڪنداسين پر هتي نہ رهنداسين. هاڻي ڏسو نہ هتي بہ تہ ذري گهٽ اڪيلا ئي رهيا پيا آهيون نہ. چار چار ڏينهن گذري ٿا وڃن تہ ڪوئي اسانجي ڪمري ڏي نهاري بہ نہ ٿو. ماءُ پيءُ سان ويهي اوپاريون لهواريون ڪرڻ تہ دور جي ڳالهہ آهي.

اپا: ٻار پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن سرڪار. اسان وانگر خالي ٿورڙي ئي آهن. نلوُ تہ ڏسندو آهيان اُٿڻ شرط سُڌاڪر جي آفيس وڃڻ جي تيارين ۾ لڳي پئي هوندي آهي ۽ سڌاڪر کي آفيس ۾ ڪيڏا ڪم هوندا. ڪڏهن ڪڏهن تہ رات جو دير سان ايندو آهي.

ڪاويري: مونکي لڳي ٿو اسان هتي رهي هنن جي رڌل زندگيءَ ۾ رنڊڪ وجهي رهيا آهيون.

اپا: تون چئين تہ سچ ٿي. منهنجي دل بہ نٿي چئي تہ ڪو اسان هتي رهون. هتان هلنداسين تہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. نلوُ خوشيءَ سان پيڪا گهمڻ ايندي ۽ سُڌاڪر بہ اسانجي ڳوٺ جي نديءَ تي سنان ڪري ڏاڍو خوش ٿيندو. نندا ۽ شاردا بہ منهنجي سون جهڙي سُهاس کي وٺي اُتي ايندا. مان سڄو ڏينهن پنهنجي سهاس سان راند ڪندس. سُهاس جي ڏاڍي ياد ايندي آهي سرڪار. سڄو ڏينهن پئي سڏ ڪندي آهي ''اپا توهان مونکي ڇڏي ڪاڏي هليا ويا.'' ''مون سان ملڻ چو نہ ٿا اچو.'' سڀ ٻار هڪ وقت ايندا تہ اسان روز شام جو باغ ۾ گهمڻ ويندا سين. اُتي زمين تي ويهي روٽي کائيندا سين. باغ جو مالڪ تہ منهنجي ننڍپڻ جو يار آهي. سچ ٿي چئين سرڪار. اسان ڪڏهن ٻارن کي پنهنجي گهر ڪو نہ گهرايو آهي. سڄي عمر انُهن جي گهر ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ئي رهيا آهيون. ڪجهه ته ڏيڻ به سکون نه، رکُو وٺندا ئي رهنداسين چا؟ اسان ئي غلط آهيون. سرڪار، اسان نه، پڙهه جو پراڻو وڻ ٺهي ويٺا آهيون. هتان ٻاهر نڪرڻو ئي پوندو. اهو ڏايو سٺو ٿيو جو بابا جن جي وقت وارو ٻوٽ جو پراڻو گهر ڪنهن کي دان نه ڪيوسين. الائي ڪهڙي حالت هوندي اُنهي گهر جي.

ڪاويري: توهان انهي جي چنتا نه ڪيو. اسان هيڏا سال اُتي رهيا آهيون. هيءُ گهر ڇڏينداسين ته مون کان ڪٽ به ڇڏائجي ويندي. پوءِ ڏسجو مان پاڻ اُٿي ڪري پنهنجي پراڻي گهر کي صاف ڪندس. ڀتين تي ليپو لڳائيندس. تون مونکي رنگ آڻي ڏجانءِ. هڪ دفعو ساڙهيءَ سان پلئه ٻڌو معني ڪم لاءِ تيار. جهوپڙيءَ کي محل نه بڻايو ته منهنجو نالو به ڪاويري ناهي.

تون به مونکي دڙڪو نه ڏجانءِ. اُپيئي الاهي تنگ ڪيو اٿئي.

اپا: (ڪلندي) سفا چري آهين.

ڪاويري: تو مونکي چري چيو.

اپا: ساري، وات مان نڪري ويو.

ڪاويري: تو چري چيو، ته مونکي لڳو ڪنهن تتل ريت تي گلاب جو گل وجهي ڇڏيو آهي. مان چا پئي چوان؟ ها گهڻن سالن کان هڪ تمنا آهي ته اسانجي گهر جي اڱڻ ۾ هڪ تلسيءَ جو ٻوٽو هجي.

اپا: تٿاستوُ.

ڪاويري: هار وڪيو تنهنجا ڏيڍ هزار روپيا بچيا پيا آهن.

اپا: ڪٿي آهن؟ مونکي ته ياد ڪونهي؟

ڪاويري: ڪٽ جي هيٺان واري ٽرنڪ ۾. اُن ڪانسواءِ چار چوڙيون ۽ به منديون پاتل آهن. اهي سڀ وڪڻي هڪ ننيو کيت وٺنداسين. تون اُن تي ڪم ڪري چار پئسا ڪمائي وٺندين نه؟

اپا: ها ها. چو نه. صبوح ٿيندي ئي چانهه پاڻي پي گهر مان نڪري ويندس. آسمان ۾ سورج جا ڪرڻا وات تي منهنجو سو اگت ڪندا. مان ناٽڪ ۾ ڪڏهن ڳانو ڪو نه ڳاتو آهي. هاڻي ڪوهه مان پاڻي ڀريندي

ضرور ڳائيندس. (ڪلندي) ڳانو ڳائڻ نہ ڇميو تہ ناٽڪ جا ڊائلاگ چوندس. سرڪار، مان مٽي بہ کوٽيندس، زمين ۾ ٻج بہ پوکيندس، پوٽن جي سنڀال ڪندس.

جڏهن سورج واپس موٽندو تہ مان بہ پنهنجي گهر موٽي ايندس. تون منهنجي لاءِ منجهند جي ماني ٿاهي ٻنيءَ ۾ کٽي ايندينءَ نہ. اسان گڏجي کائيندا اسين. تون پاڻ اچج، متان ڪنهن ٻئي کي موڪليو اٿئي، منهنجو غصو ڏاڍو تيز آهي.

ڪاويري : ها بابا، مان پاڻ ئي ايندس.

اپا : ٻچڙا، جيئن توکي تلسيءَ جو ٻوٽو گهر ۾ کپي نہ، تيئن مونکي بہ ناٽڪن جا ڪتاب رکڻ لاءِ گهر ۾ جڳهہ کپي. مونکي جڏهن وڻندو زور زور سان ناٽڪن جا ڊائلاگ پڙهندس. اوڏي مهل ڪٽ پٽ نہ ڪجانءِ تہ ڊيري پڙهو، منهنجا ڪن ٽا ڦاٽن.

ڪاويري : نہ ڪندس.

اپا : شام جو اوطاق ۾ پنهنجي دوستن کي گهرائي ڪچهريون ڪندس. ها ڪاويري، مان وري ناٽڪ ڪندس. مان وري ناٽڪ ڪندس.

ڪاويري : زور زور سان رڙيون ڇو ٿا ڪيو؟ ڪوئي ٻڌندو تہ ڇا چوندو.

اپا : چوندو پيپي کي اڄا تائين زال جو نالو ياد آهي. (ڪاويريءَ جي ويجهو وڃي هن جو هٿ پڪڙي) گنريل پنجاهہ سالن ۾ مان توکي هڪڙي ڳالهہ چوڻ وسري ويس، هاڻي چوان ٿو.

ڪاويري : ڪهڙي؟

اپا : اهو ئي تہ تون مونکي ڏاڍي وڻندي آهين. هوُ ڇا چوندا آهن ''آءِ لوَ يوُ.''

ڪاويري : اها بہ ڪا چوڻ جي ڳالهہ آهي. مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي ڇا؟

اپا : تڏهن بہ سوچيم هڪ دفعو چئي ڏسان.

ڪاويري : هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟

اپا : پڇ.

ڪاويري : مون ڪانسواءِ تنهنجو گهڻين ڇوڪرين سان پريم هو؟

اپا : هن عمر ۾ ڪٿان ياد ايندو. اُهي سڀ منهنجي ناٽڪن جون ڪلاڪار هيون. منهنجون ساهڙيون هيون. باقي ڪجهہ نہ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاويري: مان تنهنجي ساھڙي ناهيان؟

اپا: زال تہ ساھڙي ٿيندي ئي آهي نہ. انهي ڪان بہ وڌيڪ هوءَ ماءُ هوندي آهي. سرڪار، زال هوندي آهي پيٽُ، پيٽ سمجهندي آهين نہ. پيٽ معنيٰ بندر گاھہ. مڙد آهي اُن سان ٻڌل ٻيڙي. اصل نوڙيءَ سان پڪو ٻڌل.

ڪاويري: اينٽي ڏکي تفاوت.

اپا: ٻيڙي پيٽ کان آزاد ٿيندي ئي سمنڊ ۾ پري پري لهر لوڏا کائيندي هلندي ويندي آهي. اهو سمنڊ آهي پريم جو، وِيوَهار جو. ڪلا جو ۽ نفرت جو. سمنڊ ۾ ٻيڙي لهرن سان، ڪڪرن جي گاجگوڙ سان، چنڊ جي چانڊاڻ سان مکاميلو ڪندي درياھہ ڪناري ڏانهن نهاريندي هلندي ويندي آهي. هن سفر ۾ هن جو پل پل موت سان مکاميلو ٿيندو آهي. تڏهن بہ هن کي آسرو هوندو آهي تہ نيٺ سفر پورو ڪري واپس پيٽ تي وڃي نوڙيءَ سان ٻڌجڻو آهي. اها اٿئي پيٽ جي يعنيٰ زالن جي اهميت.

ڪاويري: اهو تہ تون سچ ٿو چوين، پر هن مينڪا جي ياد ڪو نہ اينڊي اٿئي.

اپا: ناٽڪن جون ڳالهيون: ڳالهيون ئي رهجي ويون آهن. مان واپس پنهنجي پيٽ تي موٽي آيس.

ڪاويري: مونکي خبر هئي تہ تون اهو ئي جواب ڏيندين، پر تڏهن بہ سوچيم پاڇي پڪ ڪيان. دل ۾ ڪو بہ ارمان سانيي رکڻو ناهي. پوءِ خوشيءَ سان ٻيگو ان کي چئبو تہ هاٿي پاڻ وٽ گهر ائي وٽ.

اپا: مون کان اڳ ۾ ئي؟

ڪاويري: سٺو آهي نہ. سهاڳڻ ٿي مرندس.

اپا: (سيريس ٿي) پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟ پيٽ ئي هليو ويندو تہ ٻيڙيءَ کي ڪير ٻڌي رکندو.

ڪاويري: ڪو نہ ٿي وڃان بابا. نہ پيٽ ويندو نہ ٻيڙي ويندي. اها هاٿي پڪ ٿي تہ اسان کي پنهنجي ڳوٺ مورباغ هلڻو آهي.

اپا: ها بلڪل پڪ.

(وٺوبا ٻہ وائن جون بوتلون ۽ خالي گلاس کڻي اچي ٿو.)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺوبا: مونکي قسم آهي، قسم آهي، قسم آهي.

اپا: ها، ها، تنهنجو قسم پڌوسين. هاڻي تون اسانجي پڌ؟ اسان مورباغ ٿا وڃون.

وٺوبا: مورباغ ڪِن چورباغ؟

اپا: گڏهه.

وٺوبا: اسانکي به مستي ڪرڻ ايندي آهي. ننيي هوندي اسانجي مٿان به گڙڪريءَ جي آسيس هئي. هن جي ناٽڪ منڊليءَ جا ڪلاڪار مونکي وٺوبا بدران الُوُ چوندا هئا.

اپا: رات جو ننڊ ڪو نه ڪندو هئين ڇا؟

وٺوبا: ڪري وٺو مستي. مان ته وڃان ٿو.

اپا: (ڪلندي) ناٽڪ ڪمپنيءَ جي رڌڻي ۾.

وٺوبا: ناٽڪ ڪمپنيءَ جو رڌڻو ڪوڙ ۽ ڪپٽ سان ڀريل محلن کان سوَ ڀاڱا سٺو آهي. پلاجي ڪري به هنن جي محلن ۾ نه رهاجي. هي وٺو آئيءَ جي دوا ۽ هيءَ توهانجي دوا. مان وڃان ٿو قسم کڻڻ ته مان چوري ڪو نه ڪئي آهي.

اپا: چوين ڇا ٿو ڏاهِري؟

وٺوبا: اپا، مان جي چوري ڪئي به هوندي ته ناٽڪن جي ڊائلاگن جي ڪئي هوندي. پئسن ڏي ته مان اک کڻي به ڪو نه نهاريان.

اپا: ڪير ٿو چوي تو چوري ڪئي آهي؟

وٺوبا: ڪوئي اهو به ته نٿو چوي ته مان چوري ڪو نه ڪئي آهي.

(نلوُ ۽ سڌاڪر آئوٽ هائوس ۾ اچن ٿا)

نلوُ: ڪمال آهي وٺوبا. تون هتي ڳالهيون ڪرڻ ويهي رهيو آهين. هاڻي جو هاڻي لانڊريءَ ۾ وڃ ۽ صاحب جا پريس ڪيل ڪپڙا کڻي اچ ۽ سوُٽڪيس پئڪ ڪر؟

وٺوبا: جي ميم صاحب. (وٺوبا وڃي ٿو)

اپا: ڪيڏن ڏينهن کان پوءِ ٿا اچو هن پاسي. نلوُ اڄ مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ وارو آهيان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نلوُ: اڄ توهان چڪر ڏيڻ ڪو نہ ويا آهيو ابا؟

ابا: نہ ڪو نہ ويس. ماڻهن ڪي وچ وچ ۾ عشق جي لوڙهي لڳندي آهي سو هٿ هٿ ۾ جهلي هن سان پريم جون ڳالهيون پئي ڪيم.

ڪاويري: توهان تہ ڪجهہ بہ ڳالهائيندا آهيو. (سڌاڪر کي ڏسي) ائي الا سڌاڪر بہ آيو آهي. منهنجو تہ ڌيان ئي ڪو نہ هو. (اٿڻ جي ڪوشش ٿي ڪري.)

سُڌاڪر: آئي توهان نہ اٿو. ڊاڪٽر وڏيڪ هلچل ڪرڻ کان منع ڪيو آهي نہ.

ڪاويري: اٿان نہ ٿي، ٿورو وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ٿي وهان. هيڏان هٿ تہ پڪڙيو.

نلوُ: ترسو ابا مان ٿي اٿاريانس. (نلوُ ڪاويريءَ جو هٿ پڪڙي اٿاريس ٿي)

ڪاويري: (اٿندي) هفتي کن کان ڏسڻ ئي ڪو نہ آئي آهين ۽ سڌاڪر تہ لڳي ٿو .....

نلوُ: ڇا ٻڌايانءِ آئي، اسانجي کهڙي حالت آهي. تون پاڻ ڏسين ٿي. گنريل ڏهن ڏينهن ۾ ويهہ مهمان رهي ويا آهن. گهر جا ڪم بہ ڪر تہ مهمانن کي بہ سنڀال. مان تہ تنگ ٿي پئي آهيان.

ابا: تنهنجو گهوٽ ملڪ جو سيني کان وڏو بند ٻڌائي رهيو آهي. ڪيڏي نہ فخر جي ڳالهہ آهي. هن جي ان هوَن ۾ تون بہ آهوتي ڏئي رهي آهين. (سڌاڪر کي) سڌاڪر، ڪارپوريشن وارا ماڻهن جا پتلا شهر ۾ لڳائيندا آهن تہ هيٺان ڏهن ماڻهن جا نالا لکندا آهن. بند ٺاهڻ مهل اهڙو ڪجهہ نہ ڪندا آهن ڇا؟

سڌاڪر: نہ ابا، اڃان تائين تہ اهڙو ڪو بہ سسٽم ڪو نہ ٺهيو آهي.

ابا: جي ٺهي تہ تنهنجي نالي سان گڏ اسانجي گڙيار اٽيءَ جو نالو بہ ضرور لکائجانءِ. سوَ ياگيو تي فلاڻي فلاڻي.

(نلوُ اُٿي وڃي ڪٻٽ ۾ ڪجهہ ڳولهي ٿي)

ابا: ڇا ٿي ڳولهين من. انهيءَ ڪٻٽ ۾ اسانجو ننڍڙو سنسار سمايل آهي. ڪيڏي مٽي ٿي اڏامي. سڄا لڳ خراب ٿي ويندءِ. ڪجهہ گم ٿي ويو آهي ڇا؟

نلوُ: ابا منهنجو سويٽر ٺاهڻ جو سُئو نٿو لڀجي. صبوح کان سڄو گهر پئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿي ٻُولهيان. سياڻي صبوح جو ناسڪ وڃڻو آهي ته سوچيم ايندي ويندي هنن جو سويٽر پورو ڪري وٺندس. توهان کي ٻڌائڻ به آياسين ته اسان ناسڪ ٿا وڃون ۽ سُئو ٻُولهڻ به....

اپا: ڪڏهن مو ٽندءُ؟

سڌاڪر: ٻه ٽي ڏينهن ته لڳي ويندا. اسانجي ڊويزنل انجنيئرس جي ميٽنگ آهي.

نلوُ: وٺو با کي چئي رکيو آهي ته توهانجي پوري سنڀال ڪندو. هو ٽي هال ۾ ناشتو پاڻي ڪجو. پيپر به اُٿي ايندو ئي آهي. اڙي ها. اڄ منجهند جو توهان هتي هال ۾ پيپر پڙهڻ آيا هئا نه اپا.

اپا: ها. سوچيم ته ڏسان دنيا ۾ ڇا ڇا پيو ٿو هلي.

نلوُ: اپا. اُن وقت اُٿي ڪوئي آيو هئو ڇا؟ ڪوئي نياپو ڪٽي. هنن جي آفيس جو چپراسي اچڻو هو.

اپا: نه ته. ڪوئي به ڪو نه آيو هو.

نلوُ: آئي. تنهنجي لوهه واري پيتي ڪٿ جي هيٺان آهي نه. ٽيو ڏينهن تنهنجا پريس ڪيل ڪپڙا موڪليم. متان اُنهن ۾ سُئا نه اچي ويا هجن. تو وٽ پيتيءَ جي چاٻي هوندي نه.

اپا: اسانجا ڪُرف بنا چاٻين جي ئي کلي ويندا آهن. بس ٿورو زور سان ڇڪيس ته ڪرف ته ڇا. ڪڙو به هٿ ۾ اچي ويندو. مان ڪيئي ڏيانءَ پيتي؟

نلوُ: نه اپا. مان ويهي ڪري ڏسان ٿي.

سڌاڪر: رهڻ ڏي نلوُ. مونکي لڳي ٿو....

نلوُ: (پيتي کوليندي) رهڻ ڏي ڇا؟ هڪ دفعو من ۾ شڪ آيو آهي ته پوري خاطري ڪري ٿا وٺون.

ڪاويري: تون به نه ويسر ڪاڏي ٿي وئي آهين. سُئا رکندينءَ ڪٿي ۽ ٻُولهيندينءَ ڪٿي.

اپا: سُڌاڪر نلوُ نه نندپڻ کان ئي ويسر ڪاڏي آهي. (نلوءَ کي) مليا ڇا؟

نلوُ: (اُداس ٿي) نه. سُئا ته ڪو نه آهن....

اپا : تہ پيو ڪاڄھہ ڪم ٿيو آهي؟

نلوُ : ڪاڄھہ نہ اپا (سڌاڪر ڪي) هلو هوٿي ٿاڳولهيون.

اپا : اُن جو نڪرندءُ؟

نلوُ : (ماءُ ڪي) ها آئي، اڄ ڪان ٿڌ وڌڻ واري آهي. مان ٿوري دير ۾ ٻيءِ بہ هڪ مگ ڏئي ٿي وڃانءِ.

(سڌاڪر ۽ نلو وڃن ٿا)

اپا : ڪمال آهي، سُٺا ڪم ٿيا آهن تہ انهيءَ ۾ ايترو پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھہ آهي؟

ڪاويري : توهانکي زالن جي سڀاوَ جي ڪهڙي خبر پلا. ٿورو بہ ڪاڄھہ ڪم ٿيو تہ گهر مٿي تي کڻي ڇڏن. اڙي توهان تہ مورباغ وڃڻ جي ڳالھہ ڪيي ئي ڪو نہ؟

اپا : ڏٺئہ، سُٺن جي چڪر ۾ وسري ويس تہ ...

ڪاويري : چڱو ٿيو وسري ويؤ نہ تہ ٻاهر وڃڻ مهل هڪ پيو ٽينشن هجين هان تہ الائي ڪهڙو ويل ٿئي هان پنهي سان. سچ ۾ ٿڌي هوا ٿي هلي نہ.

اپا : سمهنديڻءَ، مگ پايئن.

ڪاويري : پنهنجي لاءِ ڪو نہ ٿي چوان. تون هيڏي اچ تہ تنهنجي لاءِ ڪيٽ مان سويٽر ڪيدان.

اپا : مان ٿو ڳولهيان. توکي ڊاڪٽر هلڻ لاءِ منع ڪيو آهي نہ.

ڪاويري : ڊاڪٽر جي هر ڳالھہ دل تي ڪٽبي آهي ڇا؟ ڪپڙن جي هڙ ۾ پٽي رکيو آهي، توکي ڪو نہ ملندو. سڄي هڙ ڦهلائي ڇڏيندين.

اپا : تون ئي کڻي ڳولھہ پلا. لڪڙي ڏيانءِ هلڻ لاءِ.

ڪاويري : بس هٿ پڪڙي اُٿار.

(اپا ڪاويريءَ کي هٿ پڪڙي اُٿاري ٿو. ڪاويري ڪيٽ ڏي وڃي ٿي.)

ڪاويري : تيسين دوا وٺي ڇڏ.

اپا : وٺان ٿو، دوا بہ وٺان ٿو.

(اپا دوا وٺي ٿو. ڪاويري ڪيٽ بند ڪري ٿي)

ڪاويري : هي وٺُ سويٽر. هاڻي ئي پاءِ تہ ڏسان.

اپا : مورباغ هلڻ جي تياري ٿي ڏسجي. مونکي هرويرو اينٽي ٽڏڪو نہ ٿي لڳي.

ڪاويري : چيومائن نہ سويٽر پاءِ، منهنجو هٿ پڪڙ.

(اپا ڪاويريءَ جو هٿ پڪڙي ڪٽ تي وهاريس ٿو.)

اپا : ياد اٿئي، تو هيءُ سويٽر ڪڏهن پورو ڪيو هو.

ڪاويري : ياد آهي، چڱيءَ طرح ياد آهي.

اپا : اُنهي ڏينهن ئي مونکي ”ناٽڪ سمراٽ“ جو اوارڊ مليو هو. رات جو مونکي تو هيءُ سويٽر گفٽ ڪيو هو. انهي ڏينهن رات جو خبر اٿئي ڇا ٿيو.

ڪاويري : اُهو ڇو ٿو پڇائين؟

اپا : اسان اُن وقت بہ پيدا هئاسين ڇري. هاڻي تہ اڳي ڪان بہ وڌيڪ پيدا ٿي ويا آهيون. اُن وقت وڻ جي پيلي پني ڪي ٿوري سائي ڪنار هئي. اوارڊ ڪان وڌيڪ مونکي سويٽر جي خوشي ٿي هئي. مان توکي پنهنجي ويجهو ڇڪيم.

ڪاويري : هاڻي بس بہ ڪيو. ڪوئي ٻڌي نہ وٺي.

اپا : اسان ٻئي پنهنجن خيالن ۾ ئي گم هئاسين. ايتري ۾ ڊائريڪٽر جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ”ڇا ٿو ڪرين ڙي. رنگمنچ جا سڀ ڪلاڪار توکي وڌايون ڏيڻ آيا آهن“ هوُ سڀ ڪلي رهيا هئا، ڇو تہ تنهنجي ڪن جي والي منهنجي سويٽر ۾ اٽڪي پئي هئي.

ڪاويري : ها، مونکي اينٽي لڄ پئي ٿئي.

اپا : هنن بدماشن کي تہ مستي ڪرڻ جو بهانو ملي ويو. آخر ڊائريڪٽر اسانجي مدد ڪئي. (ٻئي کلن ٿا) هنومان وانگر ڇمڻ شرط ئي هن سويٽر پنهنجا ڪارناما ڏيکاريا آهن. هاڻي هيءُ بہ اسان وانگر پوين پساهن تي آهي.

ڪاويري : موربا غ هلي پيو سويٽر ٺاهي ڏيندي مانءِ.

اپا : پڪ؟

ڪاويري : بلڪل پڪ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپا: توکي قسم آهي، قسم آهي، قسم آهي.

(ٻئي ڪلن ٿا. وٿوبا اچي ٿو.)

وٿوبا: واهه. اهڙي رهرسل ڇمي نه ته مان پاڻ ڪي ته ڇا سچي ناٽڪ کي به انعام ڏياري سگهان ٿو. اپا هي وٺو اوهانجا ڪپڙا. توهيءَ صاحب جي ڪپڙن سان گڏوگڏ اوهانجا ڪپڙا به ڏنا آهن. ميم صاحب چيو تون پاڻ وڃي ڪٻٽ ۾ رکي اچ.

اپا: لڳي ٿو ينگ جو نشو لهي ويو.

وٿوبا: (ڪٻٽ ۾ ڪپڙا رکندي) جيڪا چڙهي ناهي تنهنجي لهڻ جو ته سوال ئي نٿو اُٿي نه. منهنجو دماغ ڦريو هو چوريءَ جي الزام تي.

اپا: چوريءَ جو الزام. ڪنهنجي چوري ٿي آهي؟ ڪنهن ڪئي؟ يعنيٰ ته ڪنهن تي الزام آيو؟

وٿوبا: اڄ مون تي الزام لڳو آهي، سياڻي ڪنهن ٻئي تي به لڳي سگهندو آهي.

اپا: پرولين ۾ ڇو ٿو ڳالهائين گڏهه، سئو سنو اٿو ٻڌاءِ ته ڇا ٿيو آهي؟

ڪاويري: ڪنهنجي چوري ٿي آهي وٿوبا؟

وٿوبا: ميم صاحب جهلي ڇڏيو آهي. چيائين ته ڪنهن کي به ڪجهه به نه ٻڌائجانءِ. پر توهان کي ٻڌايان ٿو. صاحب جي پوري پڳهار منجهند جو گهر مان چوري ٿي وئي آهي.

اپا ۽ ڪاويري: هان؟

وٿوبا: جڏهن صاحب منجهند جو روٽي کائڻ گهر آيا ته گودريج جي ڪٻٽ ۾ اچي نوٽن جو بنڊل رکيائون. شام جو اچي ڏسن ته بنڊل غائب.

اپا: اهو ڪيئن ٿيو يلا؟

وٿوبا: خبر ناهي. ميم صاحب سڄو گهر ڦولهيو آهي پر ماچالا جي بنڊل ملي. پوءِ هنن سيني نوڪرن جي پريڊ ورتي، هنن جي سامانن جي جاچ ڪئي، تلاشي ورتي، پر ڪجهه به خبر ڪا نه پئي. انهي ڪري چوان پيو توهان مورباغ وڃڻ جي تياري ته ڪيو پيا. ڪٿي ائين نه ٿئي مورباغ بدران چورباغ يعنيٰ ته جيل ۾ نه وڃڻو پوي. وچان ٿو ٻنگ پرٽي آهي.

(وٺوبا وجي ٿو. اپا بُت بڻجي پت کي ٽيڪ ڏئي ويهي ٿو رهي ۽ پوءِ ڏيري ڏيري ڪرسيءَ جي ٽيڪ جو سهارو وٺي اچي وِهي ٿو.)

ڪاويري: هيءَ ته اڌ چريو آهي. الائي ڇا ڇا پيو ڳالهائي. نلوءَ به در ڪولي رکيو هوندئين ته موقعو ڏسي ڪو نه ڪو گهڙي آيو هوندو.

اپا: (رڙهارڪو) سرڪار. ايتري ننيڙي ڳالهه لاءِ اسانجي روم جي تلاشي. ڏيءُ ۽ نياڻي گڏجي اسانجي تلاشي ورتي آهي سرڪار. اسان چور آهيون. اسان پنهنجي ڌيءُ جي گهر ۾ چور ثابت ٿيا آهيون. مان، مان پنهنجي سون جهڙي ڌيءُ جي گهر ۾ .....

(نلو مگ کڻي ڪوارٽر ۾ اچي ٿي.)

نلوُ: (ڪٽ تي مگ رکندي) آئي مگ پائين. ٿڌ لڳئي ٿي.

ڪاويري: نه.

(نلوُ اپا ڏي نه نهاري ڪوارٽر مان وڃڻ لڳي ٿي)

اپا: نلوُ پٽ توکي مونتي شڪُ آهي ته مان چوري ڪئي آهي.

نلوُ: ها اپا.

اپا: انهيءَ لاءِ ئي تو ڪيٽ ۽ پيتيءَ جي جاچ پئي ڪئي نه؟

نلوُ: ها اپا.

اپا: نه؟ تون چئه هي سڀ ڪوڙ آهي. پلي اسانجي دل رکڻ لاءِ ئي چئه ته مان ڪوڙ ٿي ڳالهايان. اسانتي الزام .....

نلوُ: مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت ناهي اپا.

اپا: توکي سچ ۾ لڳي ٿو ته مان چوري ڪئي هوندي؟

نلوُ: اپا اُهي هنن جي پگهار جا پئسا هئا. اُنهن کي ڪيٽ مان ڪيڻ جو توهان کي ڪو به حق ڪو نه هو. توهانکي پئسا کپندا هئا ته مونکان گهرو هان نه. سيني جي نظرن ۾ پنهنجو ڪنڌ به هيٺ ڪيُوَ. ته منهنجو به.

اپا: ڪاڄهه خبر به پوئي ٿي تون ڇا ٿي ڳالهائين. تون پنهنجي جنمداتا تي چوريءَ جو الزام ٿي لڳائين.

ڪاويري: هيڏان، ڌيءَ تي ڪاوڙ نه ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپا : ڪاوڙ نہ ڪيان؟ ترتيءَ تي آزاد گھمندڙ ايشور جي پٽيءَ ۾ ڇُرو گھسائي سندس خون ڪرڻ وارا انسان سامھون نظر اچن، تڏھن بہ مان ڪاوڙ نہ ڪيان؟ سرڪار، ھن کي خبر آھي تہ منھنجي غصي جو ڪو انت ناھي. تڏھن بہ چوي ٿي مون چوري ڪئي آھي. تون سچ ٿي چئين سرڪار، مان غصو نہ ڪندس. پر ڪن ڪولي ٻڌي وٺو، مان رئندس بہ ڪو نہ. اکين ۾ ڳوڙھا تري ايندا تہ ڪوڪا وجھي اکيون ڪيي ڇڏيندس پر ھن بيغيرت ڌيءُ اڳيان ڪو نہ رئندس. مان چور آھيان. مان پئسا چور ايا آھن.

نلو : ھا، ھا، توھان ئي پئسا چور ايا آھن.

(ايترو چئي نلو ھلي ٿي وڃي. ڪاويري ڪٽ تان لھي نلوءَ جي پٺيان وڃڻ جي ڪوشش ٿي ڪري پر وٽي نہ ٿي سگھي ۽ ”نلو“، ”نلو“ چوندي پٽ جو سھارو وٺي ويھي ٿي رھي.)

اپا : ڏٺہ سرڪار، مان ڌيءُ ۽ نياڻي جي نظر ۾ چور ٿي ويس. ”ناٽيہ سمراٽ“ اپا صاحب بيلولڪر کي چور جو خطاب عطا ڪيو ويو آھي. تاڙيون وڄايو. ٻارن کي سچي ملڪيت ڏئي، پٽ جي گھران خالي ھٿي نڪرڻ وارو ڌيءُ جي گھر چور ثابت ٿيو آھي سرڪار. ھاڻي مان ڪيئن ڪنھن کي منھن ڏيکاريندس؟ ھي پرميشور، مون تي پيو ڪوئي الزام لڳائين ھان پر ڌيءُ جي گھران زليل ٿي تہ نہ ڪيائين ھان نہ.

ڪاويري : (اپا جي ويجھو اچي) منھنجي ڳالھہ تہ ٻڌو.

اپا : چئہ ڇا ٿي چوين؟

ڪاويري : ھاڻي اسانجي سچي دنيا ختم ٿي وئي. بس اسان ٻئي وڃي ٻچيا آھيون ھڪ ٻئي لاءِ. منھنجو قسم اٿوَ. جيڪي مان چوان ٿي، سو ڌيان سان ٻڌو.

اپا : مونکي تہ ڪاجھہ بہ سمجھہ ۾ نٿو اچي سرڪار.

ڪاويري : منھنجي جگر جا ٽڪر ٽڪر ٿي رھيا آھن. پر تڏھن بہ مان جيئندس تنھنجي لاءِ. منھنجو سرير ھاڻي ساٿ نٿو ڏئي، نہ تہ تہ ھي سڀ مان بلڪل بہ سھن نہ ڪيان ھان. جيئڻ نندا جي گھران بنا ٻڌائي

هليا آياسين تيئن هتان بہ هليا هلون هان. هاڻي مان لاچار ٿي پئي آهيان. اڄ رات هتي رهون ٿا. تون ٻڌين پيو ٿو نہ؟

اپا : ها.....

ڪاويري : صبوح جو ڪنهنجو سهارو وٺي هتان نڪري هلنداسين ستو مورباغ. مان بنگلي ۾ وڃي نلوءَ سان گڏجي ٿي اچان. هن کي چئي ايندس تہ اسان ٻئي تنهنجي لاءِ مري ويا آهيون. اسان کي ڳولهڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪجانءِ. جهولي ڦهلائي هن کان اسان جي عزت جي بيک گهرندس ۽ چونديمانس تہ ڪو ماڻهو گڏ موڪل جيڪو اسان کي هتيڪو مورباغ تائين پهچائي اچي. وري هن در تي موٽي نہ اينداسين. تون پنهنجي دماغ کي شانت رک. ٻار ٻلي ڪهڙا بہ هجن اسان کي انهن اڳيان سوچي سمجهي ڳالهائڻو آهي. هنن جي نہ سهي پنهنجي مريادا جو تہ خيال رکون. منهنجي طبعيت ٺيڪ ٿيندي ئي مان سڀ ڪم سنڀالي وٺندس. مورباغ ۾ توکي ڪجھ بہ چوڻ جو موقعو ڪو نہ ڏيندس. اتي ئي ويٺو هج هان. مان اچان ٿي.

(ڪاويري پٽ جو سهارو وٺي اُٿي وڃي محل ڏي وڃي ٿي.)

اپا : اسان هن دنيا ۾ ڇو آياسين ۽ ڪنهنجي لاءِ؟ هنن خودغرز ٻارن لاءِ.

(جنرل لائيٽ بند ٿئي ٿي. هڪ اسپاٽ لائيٽ اپا جي مٿان نظر اچي ٿي.)

بس، هڪڙوئي سوال آهي تہ جيئڻ گهرجي يا نہ؟ آخر ڪرڻو ڇا آهي؟ هن دنيا جي لاچار ۽ بيزار روايتن ۾ بيشرمن وانگر کِلي ڪري جيئڻو آهي يا هن شرير جي بوجھہ کي موت جي کوهہ ۾ اُڇلي ڇڏڻو آهي. ڪوئي تہ منهنجي سوال جو جواب ڏيو؟ جيئڻو آهي تہ ڇو؟ ۽ جي مرڻو آهي تہ ..... (زور زور سان کلي ٿو. کلندي کلندي روئي ٿو.) موت .... ڪيڏو نہ ڀيانڪ لفظ آهي. هن لفظ جو ذڪر ايندي ئي چڱن ڀلن جي دل جون ڌڙڪنون تيز ٿي وينديون آهن. موت جي ڪاريهر نانگ کان زندگيءَ کي اهڙو ڏنگ هڻائجي جو ايندڙ نند بہ پنهنجو رستو ڀلجي وڃي. هي پرميشور، تون ايڏو ڪٺور ڪيئن ٿي وئين؟ جن کي اسان

جنم ڏنو آهي، ها پرميشور تو، تو اسانکي جنم ڏنو آهي ۽ تون ئي اسان
جي وجود کي وساري وهندين تہ .... تنهنجي ليلا اپرمپار آهي وڌاتا.
هن جو پار ڪنهن کو نہ پاتو آهي. جيئن هلائين تيئن و اهہ و اهہ،
جيئن هلائين تيئن و اهہ و اهہ.

(ڪرسيءَ تي وهي ٿو. سپاٽ لائيٽ ڊيري ڊيري بند ٿئي ٿي. جنرل لائيٽ چالو ٿيڻ تي نلوءُ اپا جي سامهون ڪنڌ جهڪائي بيٺي نظر اچي ٿي. ڪاويري پٺيان پت تي ٽيڪ ڏئي بيٺي آهي. سڌاڪر دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو آهي.)

ڪاويري: (اپا کي) هڪ دفعو منهنجي ڳالهہ ٻڌو.

اپا: چئہ.

ڪاويري: نلوءَ کي غلطفهمي ٿي وئي هئي. نوٽن جو پئڪيٽ ڪٻٽ ۾ ئي مليو، ڪپڙن جي وچ ۾ اچي ويو هو. اسان هينئر ڳولهي لڌوسين. هيءَ ويچاري تہ ڏکي وئي هئي نہ. سڄي مهني جي پگهار چوري ٿي وڃي تہ ... اسانجي ٽرنڪ ۾ هار جا ٻچيل پئسا پيا هئا. هن کي ائين لڳو تہ ....

اپا: تہ هن جو پيءُ چور آهي. هن جي ماءُ چور آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ پئي پيدا آهن. لوُلا لنگڙا آهن. بيو ارٿ ڪُتن و انگر هتان کان هُتي پيا ٿا گهمن. هنن تي ڪو بہ الزام لڳائجي ڪهڙو فرق ٿو پوي. هي ڪري بہ ڇا سگهندا. سرڪار، هنن ٻن ٽڪن جي ڪنپٽلين کي آسن تي وهاري هنن کان انصاف جي بيک گهرڻ جي ڪا بہ اڇا ڪونهي منهنجي. مان بي ڏوهاري ثابت ٿيڻ لاءِ هنن اڳيان گيسي ڪو نہ پريندس. مر ائي رنگ منڇ جي پيشم پتامهہ گٽپترا و جو چيلو ''ناٽڪ سمرات'' اپا صاحب بيلولڪر، جنهن تي رام پنڄو اٽيءَ جي مهر آهي تہ سر تي سوپي مينگهاٽيءَ جو هٿ. هزارن درشڪن جي آسيس سان ڪُبير کان بہ شاهوڪار ۽ اندر پگو ان کان بہ پڳيو ان. رنگديوتا جو پوڄاري. توهان انهيءَ کي چور بڻائي ڇڏيو. رڳو انهيءَ ڪري تہ اڄ هو لاچار آهي. بس ايترو ئي ڏوهہ آهي نہ اسانجو، تہ اسانجي هٿ ۾ پئسا نہ رهيا آهن. اسان سپ پئسا ٻارن ۾ ورهائي پنهنجي پيرن تي ..... (رُئي ٿو)

ٽلوُ : (اپا جي پيرن تي هٿ رکي ٿي) اپا مونکي معاف ڪيو. مونکان غلطي ٿي وئي. پنهنجي گڙيا راڻيءَ کي معاف ڪيو.

اپا : خبردار جي وري اهو اکر چيو اٿئي تہ. هئي منهنجي هڪ گڙيا جنهنکي مان پنهي هٿن ۾ جهلي کيڏائيندو هوس. پنهي پيرن تي پيهاري ”هيچالو بنگالو“ چئي کلائيندو هوس. اڄ اُهائي مونکي روئاري رهي آهي. اهو منهنجو ڀرم هو تہ مون وٽ پٽ جي اولاد آهي ۽ ڌيءَ جي بہ اولاد آهي تہ مان دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاهوڪار آهيان. اڄ خبر پئي تہ هن دنيا ۾ ڪوئي بہ ڪنهنجو ناهي. آسمان ۾ گهمندڙ هڪ آتما اسانجي واسنا جي ڏاڪڻ تان لهي زمين جي مٽيءَ تي اچي ٿي، اسانکي لڳي ٿو اسان ماءُ پيءُ ٿهي وياسين. ڪوڙ، سراسر ڪوڙ. اسان تہ رڳو ڏاڪڻ آهيون ڏاڪڻ.

سُنڌاڪر : اپا منهنجو هڪ عرض آهي تہ ....

ڪاويري : (ڏيري ڏيري اپا جي ڪرسيءَ کي پڪڙي) مونکي هيءُ سڀ نٿو سهن ٿئي. ڇاتي تڪ تڪ ٿي ڪري. اڄوڪي رات هتي ڪيون ٿا. صبح جو مورباغ هلون ٿا. اڄان مان مئي ڪو نہ آهيان. توهانجي لاءِ سڀ ڪجهہ ...

(ڇاتيءَ ۾ سوُر ٿو پويس. ڪري ٿي پوي. اپا هن کي سنڀالڻ لاءِ اُٿي وڃي ٿو.)

اپا : سرڪار!

ٽلوُ : (اُٿي وڃي) آئي!

(سين سماپت. پيون انڪ سماپت)

# انڪ ٽيون

## سين نمبر هڪ

(سُڌاڪر جي گهر جو نظارو. منجهند جو وقت. نلُو هڪ ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. سُڌاڪر فون تي ڳالهائي رهيو آهي.)

سُڌاڪر : (فون تي) هلو. ايڪسچينج. مان سُڌاڪر ٿو ڳالهيان. ڏسو مسٽر تولاٽي، مان بامبي جو ڪال گُهريو آهي. ارجنٽ. اڌ ڪلاڪ ٿي ويو آهي پر ... ها ننڊڪشور بيلولڪر يا مسيز بيلولڪر. ڪوئي بہ ملي. اجان ڏهہ منٽ لڳندا! او.ڪي. ٿورو جلدي ڪيو هان. ارجنٽ آهي. (فون رکي ٿو.)

نلُو : ڇا ٿو چوي؟

سُڌير : لائين خراب هئي. هاڻي چالو ٿي آهي. ڏهہ پندرهان منٽ پيا بہ لڳندا.

نلُو: ڪم مهل ئي هِنن جي لائين خراب هوندي آهي. پوليس اسٽيشن فون لڳائي ڏسو نہ.

سُڌاڪر : (فون لڳائي) هلو. پوليس اسٽيشن. ملڪاڻي صاحب آهن ڇا؟ هلو. ملڪاڻي صاحب. مان سُڌاڪر ڪارليڪر. ڪجهہ خبر پئي ڇا؟ اڇا ڪجهہ بہ نہ. ها سائين قبول آهي. اسان ٻاهر ويا هئاسين. شايد رات جو ئي هليا ويا هوندا. ها ٺيڪ آهي. ٿئنڪ يوُ. (هڪ ڪرسيءَ تي وهي ٿو.) آسي پاسي جي سيني اسٽيشن تي ۽ ڳوٺن ۾ فون ڪيا اٿن. ايس.ٽي. ۾ بہ انڪوائري ڪئي اٿئون.

اُتان جواب اچڻ ۾ ٽائيم لڳندو.

نلُو : ريلوي ۾ ويا هجن هان تہ خبر پئجي وڃي هان. اُتان جا سڀ ماڻهو اپا کي بہ سڃاڻن ۽ اسانکي بہ. اسٽيشن ماسٽر تہ اپا ڏي ڏسندي ئي اسانکي فون ڪري هان.

(فون جي گهنٽي وڃي ٿي.)

سُڌير : (فون تي) هلو. ننداءِ هڪ بُري خبر آهي يار. آئي ۽ اپا گهر ڇڏي هليا ويا آهن. اسان هتي ڪونہ هئاسين. صبح جو وٺوبا هنن جي ڪوارٽر ۾ ويو تہ خبر پئي. ڪنهن کي بہ ٻڌائي ڪونہ ويا آهن. ها، پوليس ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(وڻوبا وڃي ٿو. فون جي گهنٽي وڃي ٿي. سُڌاڪر فون کڻي ٿو.)

سُڌاڪر : هاڇئو سائين. اپا جو فوٽو کپي. کڻي ٿو اچان. نوڪر هٿ نہ ٿو موڪليان مان پاڻ ٿو کڻي اچان. (فون رکي ٿو ۽ نلوءَ سان ڳالهائي ٿو) اپا جو هڪ فوٽو ڏي تہ پوليس اسٽيشن تي اچان.

(سُڌاڪر اڳتي وڌي ڪوٽ پائي ٿو ۽ نلو ڪبٽ مان اپا جو فوٽو کڻي اچي ٿي. سُڌاڪر ٻاهر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. بادل گرجڻ جو آواز.)

نلوُ : لڳي ٿو مينهن پوندو. سنڀالي وڃ. مونکي تہ ڪنهن طوفان جو انديشو ٿو لڳي. سُڌاڪر پليز ...

(چوندي چوندي نلوُ ٻاهر وڃي ٿي. زور سان هوا هلڻ ۽ برسات پوڻ جو آواز. ميوزڪ. سين سماپت.)

### سين نمبر ڇهون

(ڪنهن ڳوٺ جي ڪناري تي جهنگل جو سين. جهنگل ۾ تيز هوا هلي رهي آهي. بجلي چمڪي ٿي. ڪوڻ ڪاڇي ٿي. وچ وچ ۾ ڪڪرن جي گاجگوڙ بہ چالو آهي. اپا اسٽيج جي وچ تي اُداس ويٺو آهي. ڪاويري گذاري وئي آهي ۽ اپا اڪيلو ٿي پيو آهي.)

اپا : ڪوڻ ڪاڇي ٿي،
ڪڪر اچن ٿا،
مينهن وسي ٿو،
اچو تہ ٻارو راند ڪيون،
اچو تہ ٻارو راند ڪيون.

(اپا زور زور سان کلي ٿو. بئت چوڻ کان پوءِ ٿوري دير شانت ٿئي ٿو. پوءِ وري اُداس ٿي آسمان سان ڳالهائي ٿو.)

ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟
هڪ طوفان کي ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟ هي طوفان يتيون رستا اور انگهيندو، انسان جي پئسن ۽ پگهوان جي ديا کان پار لنگهي، اڄ جهنگل ۾ گهمي رهيو آهي. جتان هُن کي ڪوئي نہ وٺي ويندو. ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟

زال: ها، هتي جهنگل ۾ نہ وهو. بادل گهڙي آيا آهن. چاڻ مينهن پيو. آرام ڪري اسان سان گڏجي ٻہ گرهہ کائون. توهانجي زال اچي تہ پوءِ هليا وڃجو.

ابا: هوءَ هاڻي واپس اچڻ واري ڪونہ آهي. ڀڳوان جي گهر ويل ماڻهو هتي زمين تي ڇو واپس اچي. آهي ڇا هتي؟ چنڊ ۽ تارن جي سيا ۾ هڪ دفعو ترتيءَ کان پڇيائون، ”تو وٽ ڪا امولهہ شيءِ آهي جنهن تي توکي ناز هجي.“ ترتيءَ پنهنجي پلوَ مان ماڻهو ڪيي ڏيکاريو ۽ چيائين، ”هيءَ آهي منهنجي سڀ کان وڌيل ملهہ واري شيءِ.“ انهي ڳالهہ تي سڀ کلڻ لڳا. ڇو تہ اُهو ساڍن چاليهن فٽن جو ميرو ماٽيءَ جو پتلو هئو، جنهن ۾ جان ئي ڪونہ هئي. ترتيءَ کي بہ خبر ڪونہ هئي تہ هُن جو ٺاهيل انسان ڪٺهن ماٽيءَ جو پتلو نهي ويو.

زال: (پيءَ زال کي) مان ڇيو ماڻ نہ هن بزرگ سان ڪو وڏو حادصو ٿيو آهي.

هڪ: پوءِ هلين ٿو نہ ابا. اسانجي جهوپڙي ڀلي گريباڻي آهي پر پريم جا ٻہ ڦلڪا ضرور نصيب ٿيندءِ. ائين ٻڪ تي گهٽي دير وهندين. ڪائي پي پوءِ هليو وڃجائن پنهنجي ٻارن وٽ.

ابا: توهان هيڏا ڀلا ماڻهو آهيو، پوءِ منهنجي ٻارن جو نالو ڇو ٽاڪٽو. وڃو پائي، توهان تہ وڃي پنهنجي ٻارن ٻاڇن سان سکي ٿيو. مان تہ ٻارن جي هوندي سوندي اناٿ آهيان.

هڪ: ٺيڪ آهي ابا.

ابا: ۽ ٻڌو. هوڏي وڃي هن باندر کي چئجو هاڻي گهٽو ٿي ويو.

سڀ: باندر، ڪهڙو باندر؟

ابا: ڇو توهانجي ڪن تائين ڳالهہ ڪونہ پهتي ڇا؟ هن آڪاس جي پوئين پاسي هڪ باندر عجيب عجيب حرڪتون ڪري رهيو آهي. مونکي خود شيڪسپيئر ٻڌايو آهي. اهڙيون اهڙيون حرڪتون ٿو ڪري جو شيطان خود کلڻ لڳا آهن ۽ ديوتائن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو آهي. ديوتائن جي اکين ۾ پاڻي اچڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي مهاراج. ديوتا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اڳيان ڪاڏي ٿو گهمين ڙي. تنهنجي تہ ... (اُٿي ڪري واپس ونگ ڏي وڃي ٿو. ونگ جي اندران راجوءَ جو آواز اچي ٿو.)

منهنجي اپا کي هٿ بہ لڳائيندي تہ ٻئي هٿ ڀڃي ڇڏيندو سانءِ.

هل اپا. (اپا کي وٺي اسٽيج تي اچي ٿو. اپا جي حالت هاڻي ڏاڍي خراب ٿي وئي آهي. ڪوٽ چڱين جڳهين تان فاٽل اٿس. ڪميس ۽ پاجامو ميرو ٿي ويو اٿس ۽ ڏاڙهي بہ وڌيل اٿس.)

**راجو:** (ڪپڙي سان ڪرسي اُگهندي) اچ اپا، تون هتي ويهہ. بنا مطلب هيڏي هوڏي گهمين ٿو پوءِ منهنجو دماغ بہ گهمائي ٿو ڇڏين. ويهہ هاڻي وري ڪاڏي نہ وڃجائِن.

**اپا:** وهان ٿو من، هتي وهندس تہ ڪوئي ناراض تہ ڪونہ ٿينو نہ؟

**راجو:** هيءُ رستو آهي. ڪنهنجي پيءُ جي جاگير ناهي جو ڪوئي توکي ڪجهہ چوي. هتي پنهنجو راڄ آهي اپا. توکي ڪوئي ڪجهہ چوندو تہ ٻوٿ ڀڃي رکندو مانس. ڏٺئہ نہ هوُ ڇوڪرو مونکان ڪيئن پيو ٿڪي.

**اپا:** ائين ڪنهن تي غصو نہ ڪبو آهي من.

**راجو:** اپا هي سڀ پنهنجي گهرن ۾ ٻلي ۽ وانگر ڏڪندا آهن. اسان غريبن ڪجهہ ڪيون تہ شينهن وانگر وات ڦاڙيندا. پوءِ غصو نہ ايندو ڇا؟ ڇڏ هاڻي، تون سگريٽ ڇڪيندين؟

**اپا:** ها.

**راجو:** مست آهي، چار مينار اٿئي.

(هڪ سگريٽ جلائي اپا کي ڏئي ٿو.)

اپا تون سوٽا هڻ. تيسين مان هي بوٽ پالش ڪري ٿو وٺان. دير ٿي تہ پکوڙن وارو اچي دڙڪا ڏيندو. آرام سان ويهہ، هاڻي ڪاڏي نہ وڃجائِن.

**اپا:** ڪونہ ويندس. (سگريٽ جو سوٽو هڻندي) پٺيان هيءَ بلڊنگ ڇاجي اهي راجو.

**راجو:** اپا اهو ناٽڪن جو ٿيئٽر آهي. اِلاهي ڄڻا ايندا آهن هتي ناٽڪ ڏسڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڀ ڳاڙين وارا ۽ ماڙين وارا. ٽڪيٽ جو اگهه ڏاڍو وڌيڪ آهي نه. هڪ ڏينهن همٿ ڪري اسان به ناٽڪ ڏسنداسين اپا. تون هلندين نه مونسان گڏ. تو ڪڏهن ناٽڪ ڏٺو آهي اپا؟

اپا : اُنهي ڪان سواءِ پيو ڪاڄهه به ڪونه ڏٺو آهي. ناٽڪ جي چڪر ۾ ئي ته منهنجي زندگي برباد ٿي وئي آهي ... ڪهڙو ناٽڪ هلي رهيو آهي؟

راجو : ناٽڪ جو نالو ته خبر ناهي. هو ڏس هڪ وڏو پوسٽر لڳل آهي.

(راجو اُٿي ڪري پوسٽر پڙهڻ وڃي ٿو.)

آ ... ٿي ... لو ... (ڪلي ڪري) هن ۾ ته ببل ببل ل لڳائي اٿئين. سياٽي ڪهڙو ناٽڪ آهي. جولي ... ئس ... سيز ... ر. هتي به ته غلطي ڪئي اٿائين. شريتر لکٽو هوس ته سيز ... ر لکيو اٿائين. ٽيو ڏينهن هتي هڪ مست ناٽڪ لڳو هئو اپا "وائيسر ئي گُم." ڏاڍي پيڙ هئي اپا. هائوسفل جو بورڊ لڳائٽو پيو. (واپس اچي پنهنجي جڳهه تي وهندي) ناٽڪ جو نالو اهڙو رکاجي جو سيني کي مزو اچي وڃي.

اپا : اوٿيلو به ته سٺو نالو آهي راجوُ.

راجوُ: ببل ل وارو.

اپا : ها. اوٿيلو نالي جو هڪ جهنگلي انسان هئو. بهادر، سچو ۽ دلدار. روم نالي هڪ ديش جو راجا هئو ... نه نه هڪ ننيڙي ديش جو سيناپتي هئو، روم جو راجا ته سيزر هئو.

راجو : شريتر نه چا؟

اپا : نه سيزر.

راجو : يعنيٖ ته اسان ئي گڏهه آهيون اجايو پين تي ٿا ڏوهه ڏيون.

اپا : اوٿيلو هڪ شاهوڪار جي ڌيءُ سان شادي ڪئي. چوريءَ چوريءَ. پيءُ کي به ڪونه ٻڌايائين.

راجو : يعنيٖ ٻاهر ئي ٻاهر لائين مارئيئين.

اپا : شاديءَ کان پوءِ هُن کي زال تي شڪ ٿيو.

راجو : زال دغاباز نڪتي ...

اپا : هوءَ ويڃاري ته ساڌو هئي، سيتا وانگر. اوٿيلو جي هڪ نوڪر اوٿيلو جي من ۾ زهر ڀريو. نوڪر کي گهر به هٿ ڪرٽو هئو ۽ مالڪڻ به.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راجو: هرامي، هنن ولينن کي تہ گوليءَ سان اُڏائي ڇڏجي اپا. بنا مطلب پيا جهنجهٽ ڪندا. (هٿ ۾ بوٽ کڻي اُٿي ٿو) اپا مان پڪوڙي واري کي بوُٽ ڏئي اچان ٿو. انٽرويل جي گهنٽي بہ وڄي آهي، ڏسان مان ڪو گراهڪ ملي وڃي بوٽ پالش وارو. تون آرام سان سگريٽ پي.

(راجو وڃي ٿو. اپا جو سگريٽ ڇڪڻ چالو آهي. بہ ڄڻا اپا جي پاسي ۾ اچي ويهن ٿا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائن ٿا.)

هڪ: اڙي هٽ، هيءَ ڇا جو اوٿيلو آهي. سڙڪ ڇاپ ناٽڪن جو هيرو. اوٿيلو جو رول تہ اپا صاحب بيلولڪر ڪندو هئو. جيئن ئي اسٽيج تي گهڙندو، سڄي ٿيئٽر ۾ پن ڊراپ سائلينس. تو انهن جي ائڪٽنگ ڏٺي اٿئي.

پيون: مان هڪ رول ۾ اپا صاحب آهوجا کي ڏٺو هئو.

هڪ: اڙي ڇڏ اپا صاحب آهوجا کي. مان اپا صاحبن بيلولڪر جي ڳالهہ ٿو ڪيان. آفريڪا جي جهنگلن جي بئڪ گرائونڊ ۾ هوُ جڏهن اکين ۾ غصو ڀري نهاريندو هئو تہ ڄڻ سڄي ٿيئٽر ۾ باهہ ٻري ويندي هئي. هُن جون ادائون هتي ... هتي دِل جي اندر ۾ پيهجي ويندون هيون. ائين ئي ڪنهنکي ”ناٽيہ سمراٽ“ جو خطاب ڪونہ ملندو آهي.

پيون: هاڻي اُهو ڪاٿي آهي؟

هڪ: خبر ناهي، ڪٿي هوُ ۽ ڪٿي اڄ ڪلهہ جا هي ڇريا ڪريا ڪلاڪار. اجايو ناٽڪ ڏسڻ آياسين. تو اپا صاحب جا ناٽڪ ڪونہ ڏٺا هئا.

پيون: نالو ٻڌو آهي. هل پيون گهنڊ وڄو.

هڪ: هو ڏس، هڪ بزرگ هتي ويٺو آهي نہ. بلڪل اپا صاحب وانگر ٿو لڳي. اُهائي شڪل، ساڳئي هائيٽ.

پيون: تڏهن بہ ... ناٽيہ سمراٽ تہ ...

هڪ: اڙي نہ هيءُ تہ ساڌارڻ انسان آهي. هوُ رنگيومڃيءَ جو راجا هئو. پر شڪل ڏاڍي مليس ٿي يار.

پيون: هلون، آخرين انڪ باقي آهي. آيا آهيون تہ اُهو بہ ڏسي ٿا وڃون.

هڪ: ہہ منٽ، هن بزرگ سان ڳالهائي ٿا وڃون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(ٻئي اپا ڏي اچن ٿا. پھريون اپا وٽ اچي پنھنجي هٿ جي پڙي ڏئيس ٿو.)

هڪ: هان وٺو اپا.

اپا: (پڙي وٺندي) مھرباني، توهان منھنجي بار ي ۾ ڳالهائي رهيا هئا؟

هڪ: نہ نہ، اسان تہ اپا صاحب بيلولڪر جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين. توهان اُنهن کي سڃاڻو بابا.

اپا: ها، اسان ٻئي هڪ ئي ناٽڪ منڊليءَ ۾ ڪم ڪندا هئاسين. ويو ويچارو.

هڪ: اپا صاحب بيلولڪر ويو! اڙي اڙي. پيپر ۾ تہ ڪونہ آيو آهي.

اپا: ڪيئن ايندو؟ پيپر وارن کي گهرائڻ وسري ويو هوندو. ڇڏيو، معمولي ڳالهہ آهي موت آخر آهي ڇا؟ ڳوڙهن سان پريل ترامي جو لوٽو. ڳوڙها بہ ڪڏهن ڪوڙا تہ ڪڏهن سچا. پئسو آهي تہ سڀ پڇندا نہ تہ تہ پڳوان ئي مالڪ آهي. پيپر وارا اچي ڪن بہ ڇا هان. سنگل ڪالم ۾ هڪ فوٽو لڳائن هان. وڌ ۾ وڌ هن جي سارا هہ ۾ هڪڙو ليک ڇاپين هان. تنھن اک ڪان پوءِ ڇا؟ يار دوست بہ هر سال بہ منٽ شانت رهي هن جي آتما کي شانتي ڏين هان. پوءِ اُهڙي جا اُهڙا. سچ ٿو چوان. مرڻ کان پوءِ انسان گھٽو مرندو آهي جي جيئري ئي خبر پوي تہ انسان جي مرڻ جي اِچائي ختم ٿي وڃي ۽ جيئڻ جي بہ. سٺو ٿيو جو هليو ويو.

پيون: هيءُ تہ هن حالت ۾ بہ سياڻن وانگر ٿو ڳالهائي. هل ابا ناٽڪ جو ٽيون انڪ ڪنهوڪو چالو ٿي ويو آهي.

هڪ: اچ ئي خبر پئي آهي اپا صاحب گذاري وڃڻ جي. ڪنهن کان پڇي خاطري ڪندس.

(ٻئي ٿيئٽر ۾ وڃن ٿا. ٻئي پاسي راجو اَچي ٿو.)

راجو: هي ٻئي ڇا پيا چون اپا.

اپا: (کلندي) مان هنن جي فرڪي پيو وٺان. ڇيو ماڻ اپا صاحب بيلولڪر گذاري ويو.

راجو: اپا صاحب بيلولڪر ڪير آهي؟

اپا: هئو هڪ ناٽڪي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راجو: اجاڻُو ڪونہ آهي ڇا؟

اپا: مئو بہ تہ ڪنهنکي خبر. ڪير ڇئي ٿو ڪير مري ٿو. بس رڳو ڪانوَن وٽ اُنهن جي لسٽ هوندي آهي. شراڌ واري ڏينهن برابر پهچي ويندا آهن. ماڻهو ڀلو هئو ويچارو، هيءُ بہ ڀلا ماڻهو هئا. ڪاڻ لاءِ هيءَ ڀڙي ٺئي ويا، اڙي هي ڪوسا ڪوسا...

راجو: اُچلي ڇڏ اپا اُچلي ڇڏ. ڪنهن ڪان بيڪ نہ گهربي آهي. توکي بک لڳي آهي نہ...

اپا: ڪونہ لڳي آهي، ساچ پڇين تہ اڄڪلهہ خبر ئي ڪونہ پوندي آهي ...

راجو: (ڀڙي ڪوليندي) هي ڏس تنهنجي لاءِ پاپڙي آندي آهي. (هيٺ وهندي) منهنجي ڳالهہ ٻڌندين ڇا؟

اپا: ڇئہ نہ راجا، ڇو نہ ٻڌندس.

راجو: راجا، مونکي ايترو پيار سان اڄ تائين ڪنهن بہ ڪونہ سڏيو آهي. اپا هاڻي فائينل ٿي ويو اڄ تون منهنجي گهر هلندين.

اپا: (اچرج مان) توکي گهر بہ آهي راجا.

راجو: گهر معنيٰ بامبي وارن جو تاجمحل. هوءَ سامهون ريلوي جي پُل آهي نہ انهي جي هيٺان پنهنجو ٺڪاڻو آهي. پر مست آهي. پاڻ پنهنجي بستيءَ ۾ شير آهيون. ٣٠ - ٢٥ ماڻهو ٻن پلين هيٺان آهن. سڀ منهنجي عزت ڪندا آهن. پاڻ بہ روز ڀہ ٿي رپيا انهن تي خرچ ڪندا آهيون. ڪنهنجي پاو - روٽي، ڪنهنجي چانهن پاڻي.

هڪ ٻيڙي بہ رهندي آهي اسانجي تاجمحل ۾. اُها سيني ڪي ڦلڪا پچائي ڏيندي آهي. هڪڙي مائي ڀاڄي ٺاهي ڏيندي :هي، اسان اُنهن کي پئسا ڏيندا آهيون ۽ اُنهن جي دوا پاڻيءَ جو خرچ بہ ڪندا آهيون. ڪل ملائي زندگي مست آهي اپا.

اپا: (هيٺ ويهي راجوءَ جي هٿن کي چمي ٿو ڏئي) :تون ڪيڏو نہ سٺو آهين راجا. تنهنجا ماءُ پيءُ ڪٿي آهن؟

راجو: توکي تنهنجي ٻارن وساري ڇڏيو، مونکي منهنجي ماءُ پيءُ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپا: مون وٽ وٺي اچين تہ ڏيکاريان ڏينهن جا تارا. بدمعاش.

راجو: اهي هتان الاهي پري هڪ ننيڙي ڳوٺ ۾ رهندا آهن. ويچارا ڪندا بہ ڇا؟ ڪمائڻ وارو هڪڙو منهنجو پيءُ ۽ ڪائڻ وارا اٺ ڄاڻا. مان ستون پڙهي اسڪول ڇڏي ڏنو. بس اسٽينڊ تي حمالي ڪرڻ لڳس. ڳوٺ ۾ ڪمائي گهٽ پئي ٿي. هڪڙي ڏينهن پئسن جي ڳالهہ تي پيءُ سان جهڳڙو ٿي پيو تہ گهر مان ڪيي ڇڏيائين.. مان بس پڪڙي سڌو هن شهر ۾ اچي ويس. هتي خوش آهيان ۱۵ - ۱۰ رپيا روز ڪمايان ٿو.

اپا: گهر جي ڄاڻين جي ياد ڪونہ ايندي اٿئي؟

راجوُ: ياد ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪنهن کي آهي. هڪ دفعو سيپريٽ ٿي وياسين تہ پوءِ واپس وڃڻ معنيٰ عزت جو ڀاڄي پالو ڪرائڻ. پويون رستو ٽٽو معنيٰ ٽٽو.

اپا: شاباس اٿئي، سيپريٽ ٿيڻ سيني کي ڇمڻ گهرجي نہ.

راجو: سڀ ڇمندو آهي اپا. توهان سياڻن جو اهو ئي تہ پرابلم آهي. رشتن سان جوئنر وانگر چنبڙي پوندا آهيو. ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، مائي، چاچا سڀ ڪسيس پئسن لاءِ پيا جهيڙا ڪندا. هاٺي تون رشتن جي چار ۾ ڦاٿين تہ تنهنجو دماغ خراب ٿيو نہ. مونکي بہ منهنجي پيءُ پئسن جي ڳالهہ تي ئي گهر مان ڪيي ڇڏيو. ڀڳوان، انسان کي موڪلي ٿو ڪل خوشيءَ جي زندگي ماڻڻ لاءِ ۽ انسان، انسان هتي اچي ڇا ٿو ڪري ... اپا هاٺي سڌو ٿو لڳيئي نہ .....

اپا: ها لڳي ٿو نرڳ مان ٻاهر نڪتو آهيان.

(آسي پاسي جون لائٽون بند ٿي رهيون آهن.)

ڇا ٿيو مونکي اوندهہ ٿي لڳي يا سچ ۾ .....

راجوُ: ناٽڪ ختم ٿي ويو اپا. ٿيئٽر جون لائٽون بہ بند ٿي ويون. هل تہ هلون پنهنجي تاجمحل ۾. اُتي بس ڪري ويهجانءِ. مان سيني سان تنهنجي سيٽاپ ڪرائيندس. بزرگ ماڻهو آهين. پاڙي جو خيال رکجانءِ اپا. پئسا اسان پاڻ ئي ڪمائيندا سين. قبول آهي نہ.

اپا: قبول راجوُ. تنهنجي هر ڳالهہ قبول آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راجوُ: راجوُ نہ راجا چئہ.

اپا: چڱو راجا.

(ھُني ٻاهر وڃڻ لاءِ اُٿڻي وٺن ٿا. ايتري مان ٻاهران وٺوبا اسٽيج تي اچي ٿو.)

وٺوبا: اپا.

اپا: ڪير؟ ڪير آهين تون. منهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي.

وٺوبا: مونکي ڪو نہ سڃاڻو اپا. مان توهانجو وٺوبا.

اپا: وٺوبا .... معنيٰ هيمليٽ جي پيءُ جو ڀوت.

راجوُ: تون هن کي سڃاڻين اپا.

اپا: ها هيءُ ماڻهو ئي آهي. ڀوُت جو رول ڪندو آهي. ڪي ڀوُت ماڻهن جو ڪم ڪندا آهن. هيءُ اُنهن مان ناهي. وٺوبا تون هتي ڪيئن آئين؟ ڇو آئين؟

وٺوبا: منهنجا تہ ڀاڳ کليا اپا. هڪ ڪلاڪار ٻئي ڪلاڪار کي ڳولهي لڌو. مونکي پڪ هئي تہ توهان هن ئي شهر ۾ هوندا. الائي ڇو منهنجي دل چيو تہ اپا هتي ئي ملندو. شهر ۾ ڏايو ڳولهيم پوءِ سوچيم متان ڪنهن ناٽڪ جي ٿئيٽر ۾ ملو. سڄ پڄ ائين ئي ٿيو. ڪالهہ توهان کي هتي ڦسي سيني کي گهرائي ورتو. مان ٽئڪسي ڪري آيو آهيان. باقي سڀ ڪار ۾ اچن ٿا.

اپا: سڀ ٿا اچن؟

وٺوبا: ها اپا .....

اپا: سُهاس بہ ٿي اچي؟

وٺوبا: اُها تہ سيني کان پهرين وڃي ڪار ۾ ويٺي. ضد پئي ڪري تہ مونکي اپا سان ملڻو آهي.

اپا: ءِ سرڪار. اُها بہ آهي اُنهن سان گڏ.

وٺوبا: (رُئندي) اپا .....

اپا: تون رئين ٿو. ها ياد آيو. سرڪار تہ هن دنيا ۾ ڪو نہ آهي. هاڻي هوءَ ڪٿهن بہ واپس ڪو نہ ايندي. ڪٿهن نہ. ڪٿهن نہ .....

راجوُ: اپا، مان ڇا چيو مانءِ. پوپون رستو ٿٿو معنيٰ ٿٿو. تون واپس رشتن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چار ۾ ڦاسي رهيو آهين. هي سڀ توکي هتان وٺي ويندا ۽ وري توکي بي عزتو ڪندا. تون انُهي چار مان پيهر ڪو نه نڪري سگهندين اپا. هاڻي آزاد پکي آهين. تنهنجي اڳيان سڄو آسمان آهي. سوچي وٺُ.

اپا: نه ويندس راجا هاڻي مان ڪاڏي به نه ويندس.

(ايتري ۾ ٻاهران ڪار جو هارن وڄي ٿو)

وٺوبا: اچي ويا. سڀ اچي ويا. (ونگ وٽ وڃي) ميم صاحب. صاحب هيڏي، هن پاسي اچو.

اپا: مونکي پڪڙ راجوُ نه ته مان ڪري پوندس. مونکي بپ ٿو لڳي.

راجوُ: تون هتي ويهه اپا. (اپا کي هڪ ڪرسيءَ تي وهاري) مان ٿو ڏسان توکي ڪير ٿو وٺي وڃي.

(نلوُ، شاردا، نندا، سُڌاڪر ۽ سُهاس اچن ٿا. اپا جي حالت ڏسي سڀ اچرج ۾ پئجي ٿا وڃن. سُهاس اپا جي بدليل روپ کي ڌيان سان ڏسي ٿي.)

سُهاس: اپا، اپا (اپا جي ويجهو اچي ڀاڪر پائيس ٿي) توهان ڏاڍا ڪِنا آهيو اپا.

اپا: سُهاس، نياڻي، ڪنڌ ڀڳي، شل ڪا پيڙي سائي ٿيئي. ڪاڏي گم ٿي وئي هئين؟

سُهاس: ڪوُڙ نه ڳالهايو. مان گم ڪو نه ٿيس. توهان گم ٿي ويا هئا. هاڻي ٻڌائي ٿي ڇڏيانو، وري گم ٿيا آهيو ته...

اپا: ڪو نه ٿيندس منهنجي گُڏڙي، (پنهنجو پاڻ سان، رُئندي) جي ٿيس ته ڳولهيو ڪو نه لينندس.

شاردا: سُهاس.....

اپا: وڃ پٽ ماٺهي ٿي سڏئي. منهنجي هنج ۾ نه ويهه. هاڻي منهنجو سرير ڪاچري جو ڍبو ٿي ويو آهي.

(سهاس اپا جي هنج مان لهي شاردا ڏي وڃي ٿي.)

راجوُ: اپا، گهر هلون. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.

نلوُ: (غصي ۾) اپا هاڻي ڪاڏي به ڪو نه ويندا. (اپا کي) اپا اوهانکي منهنجي گهر هلڻو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نندا : اپا اسان سيني کي معاف ڪيو. توهان مون وٽ رهو. نلوءَ وٽ رهو توهان کي ڪٿي به ڪائي به تڪليف ڪو نه ٿيندي. (اُٿي وڃي) هلو اپا.

راجوُ: (اپا جي اڳيان اچي) اپا سان توهانجو رشتو ٽٽو. منهنجو جڙيو. اپا کي مان پنهنجي گهر وٺي ويندس. هاڻي هو توهانجي دنيا جو نه رهيو آهي. ڪير ٿو هن کي مون کان کسي، آهي ڪنهن ۾ همٿ.

سُڌاڪر : (اُٿي وڃي) تنهنجو ڪهڙو رشتو آهي اپا سان؟ پنهنجي گهر وٺي وڃي اچا بيمار ڪنديس ڇا؟ پري ٿي. (وٺوبا کي) وٺوبا گاڏيءَ جي پرسان انسپيڪٽر صاحب بيٺا آهن. وٺي ته اچين. (وٺوبا ٻاهر وڃي ٿو)

راجو: مان ڪنهنجي پيءُ کان ڪو نه ڊڪندو آهيان. مان اپا کي ڪو نه ڇڏيندس.

(وٺوبا انسپيڪٽر کي وٺي ٿو اچي)

انسپيڪٽر : ڇا ٿيو سائين؟

سُڌاڪر : هي موالي ڇوڪرو اپا کي اسان سان گڏ نه ٿو وڃڻ ڏئي. پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري.

انسپيڪٽر : (راجوءَ کي) ڇا هي ڙي؟ پري ٿيءُ.

راجوُ: نه ٿيندس، اپا منهنجو آهي.

انسپيڪٽر : (چماٽ هڻندي) پٽهي جو راڄ آهي. هلڪٽ (وري ٻي چماٽ ٿو هڻيس)

راجوُ: (نڪ جو خون اُگهندي) اپا توکي منهنجو قسم اٿئي. اصل نه وڃجانءِ.

انسپيڪٽر : (راجوءَ جو سامان کڻي اُڇليندي) نِڪر هتان. نه ته اندر ڪرائي ڇڏيندو مانءِ.

اپا : (راجوءَ جي اڳيان اچي) بس، تلواري ميان بند ڪيو. رات جي اونهه ۾ هي تلوارون ڪنهن تي هلي نه وڃن. ديوتائن دانون کان اسانجي رکيا ڪئي پر اسان پاڻ ۾ وڙهي ڍانگا ٿيا آهيون. بس، هڪدم بند. هيءُ ٿيئٽر آهي. هتي منهنجو راڄ آهي. مان اپا صاحب بيلولڪر، ناٽڪ سمراٽ، توهانکي ڇو ان ٿو ته هتان هليا وڃو. هن ٿيئٽر جي دنيا ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپا : (ڪرسيءَ تي وهندي) پري ٿيو. مان چوان ٿو پري ٿيو. مونکي منٿون ڪرڻ اڄايو آهي. هيءُ جوُليئس ڪنهنجي اڳيان هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ وارو ناهي ۽ جي ڪوئي پيو وينتي ڪري ته اُن تي ديا ڏيکارڻ وارو به ناهي. سيزر ارادي جو اٽل آهي. ڌُرو تاري وانگر. جنهنجو مقابلو آسمان ۾ چمڪندڙ تارا نه ٿا ڪري سگهن. تيئن ئي ناٽڪ جي دنيا ۾ هڪ ئي ماڻهو آهي جيڪو پنهنجن ارادن تي اٽل رهي وڏي واڪي چوي ٿو ته نه هاڻي مان ڪنهنجي به ڪو نه ٻڌندس. ها مان جوُليئس سيزر آهيان. مان ئي اوٿيلو آهيان ۽ مان ئي آهيان هيمليٽ (رُئندي) ۽ مان ئي اپا صاحب بيلولڪر آهيان. ناٽڪ سمراٽ، ٻن ٻارن جو پيءُ هوندي به جنهن کي ڇت نصيب نه ٿي. (وري آواز وڌائي) سڀ مهاپرش منهنجي شرير جي ماندي ۾ رهڻ آيا آهن ۽ مهاپرشن جي ڇاتي معنيٰ مارڻ وارن جي تلوار کي نيند ڏيڻ ته اچو منهنجي ڇاتيءَ تي وار ڪيو. ها، هوُ ڏسو، تلوارون ميان مان نڪري ويون آهن. مونکي، هن جوليئس سيزر کي، مارڻ لاءِ. هلايو تلوارون، ماريو مونکي (پنهنجي ڇاتيءَ تي تلوار هلائڻ جي ائڪشن ٿو ڪري) آآآآآ ........ (پٺتي ٿئي ٿو) بروُٽس يوُ ٽوُ. هاڻي مر سيزر مر (هيٺ ڪري ٿو پوي)

سڀُ : (اُٿندي وڃي) اپا.

راجوُ: (اپا جي پلسي ۾ وڃي وهي ٿو) اپا.

اپا : ڏٺئي راجوُ، انهيءَ کي چئبو اٽئي ناٽڪ.

(سماپت)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟

هڪ طوفان ڪي ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟ هي طوفان ڀٽيون رستا اورانگهيندو، اِنسان جي پئسن ۽ ڀڳوان جي ديا ڪان پار لنگهي، اڄ جهنگل ۾ گهمي رهيو آهي. جتان هن ڪي ڪوئي نہ وٺي ويندو.

ڪوئي گهر ڏيندو ڇا؟

هيءُ طوفان هاٿي ٽڪاجي ٽُٽاجي پيو آهي. ڀٽڪي ڀٽڪي ڪمزور ٿي ويو آهي. اڪيون بہ ڏرا ڏئي ويون اٿس. هلي بہ نٿو سگهي. هيءُ طوفان لاچار آهي.

هن ڪي نہ ڪپي مهل، نہ ڪنهن راجمهل جو سيٽ، نہ پد ڪپي نہ هار ڪپي، نہ ڪپي پئسن سان ڀريل ٿيلهيُن جي ڀيٽ.

اڪيون ٻوٽي وهڻ لاءِ هڪ آرام ڪُرسي ملي وڃي. پوءِ هيءُ طوفان ٿماجي ويندو. گهر جي اڳيان هڪ تُلسيءَ جو وڻ هجي. منهنجي سرڪار لاءِ.

سرڪار، تون مون ڪي ڇڏي ڇو هلي وئين؟

وشڻو وامن شِروادڪر يا تاتيا صاحب شِروادڪر (٢٧ فروري ١٩١٢ - ١٠ مارچ ١٩٩٩) مراٺي ٻوليءَ جو مشهور ڪوي، ليکڪ، اُپنياسڪار، ڪٿاڪار، مضمون نگار، ناٽڪڪار ۽ نقاد هئو. کيس ڪسماگرج جي نالي سان ٻه سڃاتو ويندو آهي - مراٺي ساهتيه ۾ وشنو سکارام کانڌيڪر کان پوءِ گيانپيٺ پرسڪار حاصل ڪرڻ وارو هوُ ٻيون ليکڪ هئو. هن کي پدم ڀوشڻ اوارڊ سان پڻ نوازيو ويو آهي. هن جو جنم ڏينهن ٢٧ فروري ڀاشا گورو ڏينهن يا مراٺي راجڀاشا ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي.

سندس گهڻيئي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جيئن تہ اکشرباگ، ڪِنارا، چاڦا، ڪمياگار، ڪئڪئي، نٽسمراٽ - نٽ سمراٽ ناٽڪ جي مجموئي تي کيس ١٩٧٤ ۾ ساهتيه اڪادمي پرسڪار عطا ڪيو ويو هئو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪشور ڏياچند لالواڻي (١٥ جون ١٩٥٧) رنگ منچ ڪلاڪار، ليکڪ، ناٽڪڪار ۽ سنڌي فلمن جو ليکڪ آهي. هو گذريل ٤٠ سالن کان سنڌي رنگ منچ جي سيوا ڪري رهيو آهي.

هيل تائين سندس ڇهه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ جهوليلعل تون ديا ڪر، سچڻ دير ڪئي ايندي، جلويدار سنڌي، هليون مايوُن بيمار پاڇڻ، بند لفافو ۽ هامان ٻوٽاٽو آهيان.

سندس چار فلمون وائيسر ئي ڪُم، ٽيڙ ٽيشن تي، تنهنجي پيار ۾ ۽ لکي منهنجو لکن ۾ ڪامياب رهيون آهن. بند لفافو نالي ڪهاڻين جي مجموعي تي کيس ٢٠١٨ ۾ مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهتيه اڪادميءَ پاران انوُواد پُرسڪار عطا ڪيو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڀڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book